# 1965ع واري جنگ: پاڪستان جو بچاءُ ۽ شهيدن جو ڏينهن

سخت ترين وقتن ۾ زنده قومون وڏيڪ مضبوط، باهمت ۽ ثابت قدم بڻجي اڀرنديون آهن. جڏهن 1965ع جي جنگ دوران دشمن پاڪستان جي سلامتيءَ کي خطري ۾ وڌو، تڏهن پاڪستان جو عوام وڏي عزم، اتحاد ۽ حوصلي سان پنهنجي وطن جي دفاع لاءِ اُٿي بيٺو. ان ڪان پوءِ هر سال 6 سيپٽمبر تي پاڪستان 1965ع جي جنگ دوران پنهنجي بچاءَ ۽ قومي مزاحمت جي ياد ۾ بچاءَ ۽ شهيدن جو ڏينهن ملهائيندو آهي.

سڄي دنيا ان ڏکئي وقت ۾ پاڪستان جي عوام کي پنهنجي هٿياربند فوجن سان گڏ ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺل ڏٺو. قوم جي اتحاد، قربانين ۽ حب الوطنيءَ جو اهو جذبو اڄ بہ دفاعي ڏينهن جي اهم سڃاڻپ آهي. هن ڏينهن تي سڄو ملڪ انهن غازين ۽ شهيدن کي خراجِ عقيدت پيش ڪري ٿو، جن وطنِ عزيز جي بچاءَ لاءِ پنهنجون ذميواريون نڀايون ۽ بي مثال قربانيون ڏنيون.

پاڪستان جي هٿياربند فوجن پڻ ملڪ جي علائقائي سالميت ۽ خودمختياريءَ جي دفاع ۾ بهادري، عزم ۽ بي لوث قربانيءَ جا مثال قائم ڪيا. ان ڪري اسان انهن سيني بهادر شهيدن کي خراجِ تحسين پيش ڪريون ٿا، جن پنهنجي وطن جي بچاءَ لاءِ پنهنجون قيمتي جانيون قربان ڪيون.

### 6 سيپٽمبر 1965ع تي ڇا ٿيو؟

6 سيپٽمبر 1965ع تي، ڀارتي فوج بغير ڪنهن باقاعده جنگي اعلان جي پاڪستان جي بين الاقوامي سرحدن کي پار ڪيو. انهن لاهور، سيالڪوٽ ۽ سنڌ جي ريگستاني علائقن کي نشانو بڻايو. اها جنگ 22 سيپٽمبر 1965ع تائين جاري رهي، جڏهن ٻئي ملڪ، گڏيل قومن جي نگرانيءَ ۾ جنگ بنديءَ تي متفق ٿيا.

### لاهور تي حملو

ڀارتي فوج 6 سيپٽمبر 1965ع تي صبح جو 3 وڳي اولهہ پاڪستان جي بين الاقوامي سرحد پار ڪئي ۽ لاهور تي ٽن طرفن کان حملو ڪرڻ شروع ڪيو. پنجاب جي ميداني علائقن ۾ ٽينڪن جي سخت جنگ ٿي. اهو پاڪ-ڀارت تڪرار عالمي تڪرار ۾ تبديل ٿي ويو، جنهن وڏين طاقتن لاءِ ڳڻتي پيدا ڪئي.

ڀارت جو اهو جارحاڻو عمل بين الاقوامي قانون، گڏيل قومن جي چارٽر ۽ ملڪن وچ ۾ تهذيب يافتہ ورتاءَ جي اصولن جي واضح خلاف ورزي هئو. خطي تي قبضي جي پنهنجي مغروريءَ واري مقصد ۾، ڀارت پنهنجي بين الاقوامي ٺاهن کي پاسيرو ڪري ڇڏيو.

لاهور تي ڀارتي حملي کي ناڪام بڻايو ويو ۽ حملو ڪندڙن کي سخت نقصان رسيو. پاڪستان ايئر فورس جي مدد سان، پاڪستاني فوج جي زميني دفاعي دستا ڀارتي حملي کي روڪڻ ۽ پوءِ پوئتي هٽائڻ ۾ ڪامياب ٿيا.








### سيالڪوٽ تي چڙهائي

8 سيپٽمبر تي لاهور حملي جي ٻن ڏينهن کان پوءِ، ڀارت پنهنجي آرمرڊ ڊويزن ۽ ٻين جنگي دستن کي استعمال ڪندي سيالڪوٽ تي حملو ڪيو. ٻي عالمي جنگ کان پوءِ ٽينڪن جي سڀ کان وڏي جنگ انهن سترهن ڏينهن دوران ٿي. ڀارت کي ان جنگ ۾ سخت جاني نقصان برداشت ڪرڻو پيو. پاڪستان پاڻ کان چار ڀيرا وڏي دشمن جي حملي کي ناڪام بڻايو، ۽ سڄي قوم سخت عزم سان ان موقعي تي اٿي بيٺي. هر ٻار، مرد ۽ عورت جنگي ڪوشش ۾ پنهنجو حصو وڌو، جنهن ۾ فنڊ گڏ ڪرڻ، سول گارڊ طور تربيت وٺڻ، يا اسپتالن ۾ نرسن طور ڪم ڪرڻ شامل هو.

### جنگ ڪيئن ختم ٿي؟

گڏيل قومن جي اداري جنگ ختم ڪرڻ لاءِ مڪيہ سفارتي ڪوششن جي اڳواڻي ڪئي، ۽ 23 سيپٽمبر 1965ع تي جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيو ويو. واقعا هيٺئين ريت ٿيا:

- پاڪ- ڀارت جنگ دوران، آمريڪا ٻنهي طرفن کي فوجي سامان جي سپلاءِ بند ڪري ڇڏي.
- سوويت يونين ۽ آمريڪا هڪ گڏيل موقف اختيار ڪيو تہ جيئن خطي اندر اها جنگ عالمي جنگ ۾ تبديل نہ ٿئي.
- چين مداخلت جي ڌمڪي ڏني ۽ پاڪستان سان فوجي امداد جو وعدو ڪيو.
- چين کي ان تڪرار کان ٻاهر رکڻ لاءِ سوويت يونين ۽ آمريڪا ٻنهي گڏيل قومن جي اداري تي تيزيءَ سان جنگ بندي ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وڌو.
- سوويت يونين، جيڪو ڀارت ۽ پاڪستان جي تڪرار دوران غير جانبدار رهيو هو، تاشقند ۾ ٽياڪڙ جو ڪردار ادا ڪيو.
- 8 ڊسمبر تي، سوويت حڪومت جي ڀڌرائيءَ واضح طور ٻڌايو تہ ڀارتي وزيراعظم شاستري ۽ پاڪستاني صدر ايوب خان 4 جنوري 1966ع تي تاشقند ۾ ملاقات ڪندا.

سوويت يونين جون ٽياڪڙيءَ واريون ڪوششون جنگ جي خاتمي جو سبب بڻيون، ۽ تاشقند ۾ امن ٺاهہ تي صحيحون ڪيون ويون.

### 1965ع جي جنگ جا شهيد

هن جنگ ۾ اسان جي ملڪ لاءِ وڙهندي ڪيترن ئي جوانن پنهنجيون جانيون قربان ڪيون. انهن مان اسان جي 11 جوانن غير معمولي بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو، جنهن تي کين نشانِ حيدر سان نوازيو ويو. ميجر عزيز ڀٽي کي 1965ع ۾ لاهور جي بيديان علائقي جي دفاع ۾ غير معمولي ڪردار ادا ڪرڻ تي ملڪ جي سڀ کان وڏي اعزاز "نشانِ حيدر" سان نوازيو ويو.

### پاڪستان: 1965ع جي جنگ ڪانپوءِ هڪ وڌيڪ طاقتور ملڪ

پاڪستان ڀارت سان سيپٽمبر 1965ع جي جنگ مان هڪ مضبوط ۽ بااعتماد ملڪ طور اڀريو، جنهن کي پاڻ تي ۽ پنهنجي جي فوجي صلاحيتن تي فخر هئو. حڪومت جي مدد سان، پاڪستان جي هٿياربند فورسز بين الاقوامي سرحد پار ڀارت جي ڪلي اڳرائيءَ کي ناڪام بڻايو. اسان انهن کي جنگ بندي قبول ڪرڻ، ڳالهين جي ميز تي واپس اچڻ، ۽ هڪ ٻئي جي علائقي کي ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. اهو يقيناً عظمت جو سڀ کان وڏو لمحو هو، ۽ عوام توڙي سپاهين جي ايندڙ نسل لاءِ ياد رکڻ جو ڏينهن هو. ■

*ميڊيا جي مختلف ذريعن کان ورتل مدد: محمد اقبال جاکرو*

# سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۾
# کاڌ خوراڪ جا طور طريقا ۽ سماجي درجي بندي




ڊاڪٽر طوبيٰ راجپوت




موهن جو دڙو، هڙپا ۽ سنڌ جي قديم آبادين بابت ٿيل تحقيق جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن انساني تاريخ جو مطالعو ڪجي ته معلوم ٿيندو ته سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب دنيا جي انهن عظيم ۽ قديم ترين تهذيبن مان هڪ آهي، جن پنهنجي دور ۾ شهري ترقي، زراعت، صنعت ۽ سماجي تنظيم جو هڪ شاندار مثال قائم ڪيو. تاريخي دستاويزن ۽ تحقيقي مواد موجب، سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو عروج 2600 ق.م کان 1900 ق.م جي وچ واري عرصي ۾ رهيو. ان دور ۾ نه رڳو وڏا شهر وجود ۾ آيا، پر ننڍيون آباديون، ڳوٺ ۽ خانه بدوشن جا عارضي ڪئمپ به هڪ ٻئي سان باهمي رابطن جي مضبوط چار ذريعي ڳنڊيل هئا.

سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جا اهي وسيع سلسلا رڳو سنڌ ۽ پنجاب تائين محدود نه هئا، پر بلوچستان جي پٿريلي علائقن، ٿر جي ريگستان، روهڙيءَ جي جبلن، ۽ اڄوڪي هندستان جي گجرات، راجستان ۽ گنگا_جمنا جي ميداني علائقن تائين پکڙيل هئا. هتان جي ماڻهن پنهنجي پويان تهذيب جو هڪ غيرمعمولي ورثو ڇڏيو، جنهن جو جديد دور جا محقق ۽ ماهر مختلف سائنسي ۽ تاريخي حوالن سان مطالعو ڪري رهيا آهن.

هن قديم تهذيب جي سڀ کان اهم ۽ دلچسپ پهلوئن مان هڪ هتان جي کاڌ خوراڪ، کاڌي پيتي جا طور طريقا ۽ انهن سان لاڳاپيل سماجي رويا آهن. تحقيقي مواد مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌو تهذيب جي شهري دور (2600_1900 ق.م) جا رهواسي کاڌي پيتي جي حوالي سان ڪنهن به لحاظ کان پوئتي نه هئا، پر هو مختلف قسمن جي نفيس ۽ لذيذ کاڌن مان لطف اندوز ٿيندا هئا.

> سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي سڀ کان اهم ۽ دلچسپ پهلوئن مان هڪ هتان جي کاڌ خوراڪ، کاڌي پيتي جا طور طريقا ۽ انهن سان لاڳاپيل سماجي رويا آهن. تحقيقي مواد مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌو تهذيب جي شهري دور (2600_1900 ق.م) جا رهواسي کاڌي پيتي جي حوالي سان ڪنهن به لحاظ کان پوئتي نه هئا، پر هو مختلف قسمن جي نفيس ۽ لذيذ کاڌن مان لطف اندوز ٿيندا هئا. سنڌن خوراڪ جو دارومدار بنيادي طور پاليل جانورن، پوکيل ٻوٽن، جهنگلي وسيلن جي شڪار، کاڌي کي ذائقيدار بڻائڻ لاءِ مصالحن، ميون ۽ ماکيءَ تي هوندو هو.

سنڌن خوراڪ جو دارومدار بنيادي طور پاليل جانورن، پوکيل ٻوٽن، جهنگلي وسيلن جي شڪار، کاڌي کي ذائقيدار بڻائڻ لاءِ مصالحن، ميون ۽ ماکيءَ تي هوندو هو.

آرڪيالاجيڪل دستاويزن مان معلوم ٿيو آهي ته سنڌوءَ جي ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه مختلف قسمن جا جانور شامل هئا. وڏن پاليل جانورن ۾ ڏڳو (Bos indicus) ۽ مينهن (Bubalus bubalis) شامل هئا، جڏهن ته وچولي درجي جي جانورن ۾ ٻڪريون، رڍون، سوئر ۽ ڪتا پڻ باقاعدي طور سڃاتا ويا آهن. اهڙيءَ طرح ٻلي، گڏهه، گهوڙو ۽ اُٺ به ان دور جي آبادين ۾ موجود هئا، جن جي تصديق لاءِ تحقيق جو سلسلو اڃا به جاري آهي.

سنڌو ماٿريءَ جي ماڻهن جي روزمره جي معمول ۾ کاڌو پچائڻ جو نظام نهايت منظم هو. هتان جي ماڻهن جي خوراڪ ۾ ڪڻڪ، جَوَ، مختلف داليون، ٻاجهيون، گوشت ۽ مڇي اهم حيثيت رکندا هئا. هتان جي رڌڻن ۾ ماني، مختلف قسمن جا ٻوڙ وارا کاڌا تيار ڪيا ويندا هئا. برطانوي ۽ مقامي محققن، جهڙوڪ جوناٿن مارڪ ڪينائر ۽ جي. بيٽس جي تحقيق موجب، سنڌو تهذيب ۾ استعمال ٿيندڙ برتن ۽ رڌ پچاءَ جا طريقا اڄ به ڏکڻ ايشيا جي روايتي بورچي خانن سان گهڻي حد تائين هڪ جهڙائي رکن ٿا. کاڌي کي ذائقيدار بڻائڻ لاءِ دالچيني، لونگ، ڪارا مرچ، ادرڪ ۽ ٻيا ڪيترائي مصالحا وڏي پيماني تي استعمال ٿيندا هئا. ان کان علاوه، انب، ڄمون، آملو ۽ ان دور جا ٻيا ميوا پڻ سنڌو ماڻهن جي دسترخوان جو حصو هئا. رڌ پچاءَ لاءِ گيهه (جيڪو جانورن جي چرٻي يا کير مان حاصل ٿيندو هو) ۽ تيل جو استعمال پڻ عام هو.

تحقيقي مواد ۾ سنڌو تهذيب سان گڏ مصر ۽ ميسوپوٽيميا جي قديم تهذيبن جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي، جيئن تقابلي مطالعي ذريعي کاڌ خوراڪ، دعوتن ۽ سماجي درجي بنديءَ جي اصولن کي بهتر نموني سمجهي سگهجي. ميسوپوٽيميا ۽ مصر ۾ جتي لکيل ٻوليون پڙهيون ويون آهن ۽ مقبرن يا محلن جي ڀتين تي نقش نگاري موجود آهي، اتي سنڌو تهذيب جي لکت اڃا تائين مڪمل طور پڙهي نه سگهجي سگهي آهي، تنهن هوندي به، سنڌو تهذيب مان مليل مهرون، دستي شيون، ٿانوَ ۽ آبادين جا نقشا واضح ڪن ٿا ته سنڌو سماج ڪو بي ترتيب سماج نه هو، پر هتي هڪ باشعور طبقاتي ۽ قبيلن تي ٻڌل سماجي نظام موجود هو. هتان جا شهري ۽ مزدور مختلف ڪمن ۾ ورهايل هئا، جهڙوڪ ڪاريگر، هاري، مهاڻا، واپاري، ۽ مذهبي يا انتظامي ذميواريون نڀائيندڙ ماڻهو.

سنڌو تهذيب جي آبادين جو تفصيلي جائزو وٺندڙن ته معلوم ٿيندو ته مهرڳڙهه کان وٺي موهن جو دڙو، هڙپا، لاکين جو دڙو، چانهون جو دڙو ۽ گجرات جي ڪنير ۽ هولاس جهڙا ماڳ پنهنجي اندر بيشمار تاريخ لڪائي ويٺا آهن. مهرڳڙهه کي ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان پراڻو ڳوٺ سمجهيو وڃي ٿو، جتي زراعت، جانورن جي پالنا ۽ صنعتي هنر پنهنجي ارتقائي منزل طئي ڪئي. هتان مان اناج جا ذخيرا، مٽيءَ جا ٿانوَ، سُٽ ڪتڻ جا اوزار ۽ عمارتن جا شاندار نمونا مليا آهن.

اهڙي طرح، موهن جو دڙو ۽ هڙپا پنهنجي گرد پيٽرن تي ٻڌل گهٽين، پاڻيءَ جي نيڪال وارين ڍڪيل نالين واري نظام ۽ پڪين سرن جي تعميرن سان دنيا جي ابتدائي عظيم شهري تهذيبن جو نقشو پيش ڪن ٿا. موهن جي دڙي جو وڏو غسل خانو (گريٽ باٿ)، اناج جا گودام، ۽ مختلف گهرن جي اندر کوهن ۽ غسل خانن جو انتظام ان ڳالهه جو ثبوت ڏئي ٿو ته هتي صفائي ۽ شهري سهولتن جو معيار ڪيترو بلند هو.

سنڌو تهذيب ۾ کاڌي جي پيشڪش، ذخيرو ڪرڻ ۽ رڌ پچاءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٿانوَن جو مطالعو سماجي درجيبندي کي سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. قديم آثارن جي ماهرن ان ڳالهه جو انڪشاف ڪيو آهي ته ان وقت جي ٿانوَن جا مختلف نمونا، جهڙوڪ ديڳڙيون، پيالا، پليٽون، وڏيون ٿالهيون ۽ اسٽينڊ تي رکيل ٿالهيون، سماج جي مختلف طبقن جي استعمال ۽ رسمن جي عڪاسي ڪن ٿا. حڪمران طبقن، واپارين ۽ عام مزدورن وٽ ٿانوَن جي بناوت، سينگار ۽ معيار ۾ نمايان فرق هوندو هو. سنڌو سماج ۾ مُهرن تي اُڪريل مختلف جانورن، مڇين ۽ علامتن جون تصويرون پڻ اهو ظاهر ڪن ٿيون ته سماج ۾ خاندان يا قبيلي جو نظام مضبوط هو، جتي هر خاندان يا پيشيور گروهه پنهنجي الڳ سڃاڻپ برقرار رکندو هو.

آخر ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته، سنڌ جي قديم سرزمين تي جن تهذيبن جنم ورتو، انهن جو اقتصادي، ثقافتي ۽ خوراڪي نظام نهايت زرخيز، منظم ۽ ترقي يافته هو. اسان کي پنهنجي هن شاندار تاريخ، ورثي ۽ قديم اثاثن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي، جيئن ايندڙ نسل پنهنجي اباڻي ثقافت ۽ تمدن تي فخر ڪري سگهن. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو مطالعو رڳو ماضيءَ جو قصو نه آهي، پر اهو اسان جي حال ۽ مستقبل لاءِ پڻ هڪ روشن ڏيئو آهي. ■

# فاڪلينڊ سامونڊي ٻيٽن تي برطانيا ۽ ارجنٽائين جو جهيڙو: آمريڪا تماشائي بڻيل

الهه بخش راٺوڙ

دنيا جا اڻ ڳڻيا اهڙا ملڪ آهن، جتي سرحدي جهيڙا ۽ ساموندي ٻيٽن تي تڪرار موجود آهن. اهي تڪرار ڪڏهن ڪڏهن جنگ جي صورت به اختيار ڪري وٺن ٿا. تازو، هڪ ڀيرو ٻيهر برطانيا ۽ ارجنٽائين جي وچ ۾ فاڪلينڊ ساموندي ٻيٽن جي حوالي سان اختلاف تيز ٿي ويا آهن ۽ اهو به خطرو آهي ته شايد ٻيو ڀيرو ٻنهي ملڪن ۾ جنگ وڙهي وڃي.
ان تڪرار ۾ آمريڪا جو چوڻ آهي ته ان ماضيءَ ۾ برطانيا جي موقف جي حمايت ڪئي هئي، پرهن ڀيري هو جنگ جي صورت ۾ ارجنٽائين جي مدد ڪندو، ڇاڪاڻ ته برطانيا، ايران سان جنگ دوران آمريڪا جي مدد نه ڪئي. فاڪلينڊ ساموندي ٻيٽن جو معاملو اهو آهي ته ان علائقي ۾ تيل جا وڏا ذخيرا موجود آهن، جيڪي برطانيا ۽ اسرائيل جون ڪمپنيون ڪڍڻ جون تياريون مڪمل ڪري چڪيون آهن.
ارجنٽائين جي حڪومت جو چوڻ آهي ته اها برطانيا کي ائين ڪرڻ نه ڏيندي. اها ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ٻيٽن تي ڪرايل ريفرنڊم ۾ اڪثريتي عوام برطانيا سان گڏجي رهڻ جو فيصلو ڪري چڪو آهي.
فاڪلينڊ جو ڪو هڪ ساموندي ٻيٽ ناهي، پر اتي تقريبن 780 ننڍا وڏا ٻيٽ آهن، جن جو گاديءَ جو شهر اسٽينلي آهي. ان تي به برطانيا توڙي ارجنٽائين ٻنهي جي دعويٰ آهي ته اهي سندن ملڪيت آهن. 1982 ۾ انهن ٻيٽن تي 74 ڏينهن جي جنگ به لڳي چڪي آهي، جنهن بعد برطانيا ٻيٽن جو ڪنٽرول سنڀالي ورتو هو. هينئر اهو برطانيا جي اوورسيز ٽيريٽري يا سمنڊ پار علائقو آهي.
2013 ۾ ڪرايل ريفرينڊم ۾ 99.8 سيڪڙو ووٽرن برطانيا سان گڏجي رهڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنو هو. ارجنٽائين ان ريفرنڊم کي قبول نٿو ڪري ۽ ان کي مالويناس چئي ٿو. تڪرار پٺيان تاريخي دعوائون، قيمتي قدرتي وسيلا ۽ اسٽريٽجڪ اهميت شامل آهي. هن معاملي

> اوقيانوس سمنڊ جي ڏکڻ اولهه ۾ واقع فاڪلينڊ ٻيٽن جي ملڪيت جو تڪرار برطانيا ۽ ارجنٽائين جي وچ ۾ 40 سالن کان وڏيڪ عرصي کان جاري آهي. 2013 جي ريفرينڊم ۾ ٻيٽن جي عوام واضح اڪثريت سان برطانيا جو حصو ٿي رهڻ جي حق ۾ فيصلو ڏنو. ٻئي طرف ارجنٽائين جي صدر قوم کي خطاب ڪندي ٻيهر چيو ته فاڪلينڊ ٻيٽ تاريخي ۽ قانوني طور تي سندن آهن. ان حوالي سان برطانيا سان ڪوبه بحث ڪري نٿو سگهجي. اهي ارجنٽائين جي ڌرتي جو حصو آهن.




کي عالمي سياست ۾ هڪ علائقائي تڪرار سمجهيو وڃي ٿو. ان نوعيت جا ٻيا به تڪراري علائقا موجود آهن، جن ۾ هندي سمنڊ تي ٻيٽ ڊيگوگارشيا آهي، جنهن تي برطانيا جو قبضو آهي.
برطانوي حڪومت جو چوڻ آهي ته فاڪلينڊ ٻيٽن جي حوالي سان حڪومت جو موقف "آخري" آهي، جنهن کي ارجنٽائين جي صدر خاوير ميلي رد ڪندي ٻيٽن کي پنهنجي ملڪ جو اڻٽٽ انگ قرار ڏنو. برطانوي وزيراعظم جي ترجمان جو چوڻ آهي ته سندن حڪومت ٻيٽن جي عوام جي ان خواهش جي مڪمل حمايت ڪري ٿي ته اهي برطانوي سمنڊ پار علائقي طور رهن. ارجنٽائين جي صدر ٽيليويزن تي خطاب ۾ فاڪلينڊ جي ٻيٽن کي پنهنجو مستقبل قرار ڏنو آهي. هن ٻيٽن ويجهو تيل جي ڳولا ڪندڙ ڪمپنين خلاف پابنديون لاڳو ڪرڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني.

### فاڪلينڊ تي ارجنٽائين جي دعويٰ

اوقيانوس سمنڊ جي ڏکڻ اولهه ۾ واقع فاڪلينڊ ٻيٽن جي ملڪيت جو تڪرار برطانيا ۽ ارجنٽائين جي وچ ۾ 40 سالن کان وڏيڪ عرصي کان جاري آهي. 2013 جي ريفرينڊم ۾ ٻيٽن جي عوام واضح اڪثريت سان برطانيا جو حصو ٿي رهڻ جي حق ۾ فيصلو ڏنو. جڏهن ته برطانوي حڪومت کان پڇيو ويو ته، ڇا وزيراعظم سمجهي ٿو ته برطانيا وٽ ٻيٽن جي خودمختياري جي دفاع لاءِ ضروري فوجي قوت موجود آهي؟



ان تي برطانوي وزيراعظم جي ترجمان چيو ته برطانوي فوجي موجودگي ان وقت تائين برقرار رهندي، جيستائين ٻيٽن جو عوام ائين چاهي ٿو.
ارجنٽائين جي صدر قوم کي خطاب ڪندي ٻيهر چيو ته فاڪلينڊ ٻيٽ تاريخي ۽ قانوني طور تي سندن آهن. ان حوالي سان برطانيا سان ڪوبه بحث ڪري نٿو سگهجي. اهي ارجنٽائين جي ڌرتي جو حصو آهن. صدر ميلي ٻيٽن جي رهواسين جي حق خودارادیت کي به رد ڪندي چيو ته ٻيٽن جي عوام کي پنهنجي قبضي ۾ ورتل علائقي تي ڪوبه حق حاصل ناهي. صدر سي لائين آئل فيلڊ کي واضح خطرو قرار ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ارجنٽائين ترت ڪارروائي نه ڪئي ته برطانوي ۽ اسرائيلي ڪمپنيون سمنڊ جي اندر موجود تيل تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي مادي صلاحيت حاصل ڪري وٺنديون.
ڪمپنين جي ترجمان مطابق سي لائين آئل فيلڊ منصوبي تحت 2028 ۾ پهريون پيرو تيل جي پيداوار شروع ٿيڻ جي اميد آهي ۽ جهيڙي سان شيڊيول تي اثر پوندو. تيل جي اها فيلڊ ٻيٽن کان 130 ميلن جي مفاصلي تي آهي ۽ اتي 1.7 ارب بيرل تيل جا ذخيرا موجود آهن.
صدر ميلي ارجنٽائين جي ڏاکڻين علائقي ٽيئرا ڊيل فويگو ۾ هڪ نيول بيس قائم ڪرڻ جو به اعلان ڪيو. اهي آمريڪا ۽ فاڪلينڊ ٻيٽن جي معاملي تي تاريخي پوزيشن جو ٻيهر جائزو وٺن پيا. مستقبل قريب ۾ آمريڪا ئي انهن جو اهم اتحادي آهي. آمريڪي صدر ٽرمپ وري اهو اشارو ڏنو ته جيڪڏهن فاڪلينڊ ٻيٽن جو تڪرار شروع ٿيو ته آمريڪا ، برطانيا جي مدد نه ڪندو.
تاريخي طور تي فاڪلينڊ ٻيٽن جو پهريون ريڪارڊ 1592 ۾ انگريز ملاح جان ڊيوس جو مليو ٿو. 1692 ۾ ڪيپٽن جان اسٽرانگ اتي لهي ٻن ٻيٽن جي وچ ۾ فاڪلينڊ سائونڊ جو نالو ڏنو هو. ان نسبت سان ٻيٽن جو نالو فاڪلينڊ پيو.

### برطانيا، فرانس ۽ اسپين جو اچڻ

18هين صدي ۾ انهن ٻيٽن تي يورپي طاقتن جي دلچسپي وڌي. 1764 ۾ فرانس اوڀر فاڪلينڊ ۾ آبادي قائم ڪئي. ان کانپوءِ برطانيا 1765 ۾ اولهه فاڪلينڊ ۾ پورٽ اگمونٽ (Port Egmont)تي وسندي قائم ڪئي. بعد ۾ فرانس پنهنجي وسندي جا حق اسپين کي منتقل ڪيا. 1770 ۾ اسپين برطانوي چوڪي کي اتان ڪڍي ڇڏيو، جنهن سبب برطانيا ۽ اسپين ۾ تڪرار شروع ٿيو. 1771 ۾ برطانيا ٻيهر واپس آيو. 1774 ۾ وري ان پنهنجي چوڪي خالي ڪري ڇڏي.
اسپين به 1811 ۾ ٻيٽن تان انتظامي موجودگي ختم ڪري ڇڏي. اهو ئي 18هين صدي جو وچڙيل دوراج جي برطانوي ۽ ارجنٽائني تاريخي دعوائن جو اهم حصو آهي.
دنيا جي سياسي ۽ فوجي تاريخ ۾ رڳو فاڪلينڊ ٻيٽ ئي تڪراري ناهن. ڪوريل ٻيٽن تي روس ۽ جاپان ٻنهي جي دعويٰ آهي. يورال جي ٻيٽن تي روس جا ايٽمي بجلي گهر قائم آهن ۽ فوجي لحاظ کان اهميت رکن ٿا. سينڪاڪو يا ڊياويو ٻيٽن تي چين، جاپان ۽ تائيوان جو تڪرار آهي. سپراٽلي ۽ پاراسيل ٻيٽن تي چين، ويتنام، فلپائن ۽ ملائيشيا وغيره دعويٰ آهي. ڪريميا تي روس ۽ يوڪرين جو تڪرار آهي. اولهه صحارا کي مراڪش ۽ پوليسياريو فرنٽ ٻئي پنهنجو علائقو قرار ڏين ٿا.
دنيا ۾ هينئر به 20 اهڙا ٻيٽ آهن، جن تي تڪرار هلندڙ آهي. ٻيٽن تي تڪرارن جي پٺيان گهڻو ڪري تاريخي دعويٰ، ٻيٽڪي سرحدون، وسيلا، ماهيگيري جا حق ۽ اسٽريٽجڪ نيول لنگهن تي ڪنٽرول شامل آهي. انهن مان فاڪلينڊ، سپراٽلي ۽ سينڪاڪو اڄ به عالمي سياست ۾ سڀني کان وڌيڪ تڪراري ڳڻيا وڃن ٿا.
اها ڳالهه به سمجهڻ جهڙي آهي ته عالمي ڦورو قوتن، جن ۾ برطانيا، فرانس ۽ آمريڪا شامل آهن، انهن هميشه پنهنجي قبضاگيري واري ذهنيت کي هٿي ڏني آهي. ٻن عالمي جنگين کانپوءِ آمريڪا ۽ برطانيا رهجي ويا، جن مان وري برطانيا، دنيا جي نقشي تي اهڙيون لڪيرون ڪڍيون، جن جي بنياد تي اڻ ڳڻيا تڪرار هلندڙ آهن. پوڙهي سامراج جي شايد اها ئي منشا هئي ته توڙي جو ان جي ايسٽ انڊيا ڪمپني کان وٺي ٻيا ڪاروباري ادارا ڏيهه واپس اچي وڃن، ان جي باوجود تڪرار نبرجي نه سگهندا. انهن تڪرارن جي گهڻو ڪري فوجي ۽ معاشي اهميت وڌيڪ رهي آهي.
ڊيگوگارشيا ته برطانيا جي ڪالوني آهي، پر ان تي قبضو آمريڪي نيوي جو آهي. هن ڀيري فاڪلينڊ ٻيٽن تي آمريڪا برطانيا جي مدد نه ڪندو ته سڀاڻي برطانيا وري پنهنجو فوجي اڏو خالي ڪرڻ لاءِ انڪل سام کي ڌمڪي ڏيندو، جنهن سان وري نئون تڪرار جنم وٺندو. ■

تازو 24 آگسٽ 2026ع تي چائنا هاربر انجنيئرنگ ڪمپني (CHEC) صدر آصف علي زرداري آڏو ڪيٽي بندر پورٽ جو تصوراتي ماسٽر پلان پيش ڪيو، جنهن ۾ هڪ نئين گهري پاڻي واري بحري رستي وارو دروازو (ڊيپ واٽر سامونڊي گيٽ وي)، مختلف ٽرمينلس، لاجسٽڪس سهولتن ۽ مددي انفراسٽرڪچر جي تجويز شامل آهن.

# ڪيٽي بندر: سنڌ جو نئون اقتصادي خواب


ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر




جڏهن سنڌو درياهه صدين کان سفر ڪندو اچي عربي سمنڊ جي لهرن سان ملي ٿو، تڏهن ان جي ڪنارن تي رڳو پاڻي نه، پر سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ ماڻهن جون اميدون به گڏ ٿين ٿيون. سنڌ جي سامونڊي تاريخ هزارين سالن تي پکڙيل آهي. سنڌو درياهه جي ڇوڙ واري علائقي ۾ ڪيترائي بندرگاهه وقت سان گڏ وجود ۾ آيا ۽ پوءِ قدرتي تبديلين سبب پنهنجو ڪردار وڃائي ويٺا. ڪيٽي بندر جيڪو ڪڏهن سنڌ جي سامونڊي واپار جو هڪ اهم مرڪز هو، اهو وقت جي تبديلين، سنڌو درياهه جي وهڪري ۾ تبديلي ۽ قدرتي حالتن سبب متاثر ٿيو. اڄ جڏهن دنيا جا ملڪ سامونڊي واپار ذريعي پنهنجين معيشتن کي مضبوط ڪري رهيا آهن، تڏهن ڪيٽي بندر ٻيهر هڪ نئين خواب، نئين اميد ۽ نئين معاشي سفر جي شروعات طور سامهون اچي رهيو آهي.

ڪيٽي بندر جيڪڏهن مستقبل ۾ جديد ڊيپ واٽر پورٽ طور ترقي ڪري ٿو ته، اهو سنڌ لاءِ رڳو هڪ نئون بندرگاهه نه هوندو، پر روزگار، واپار، صنعت ۽ سامونڊي معيشت جو نئون مرڪز پڻ بڻجي سگهي ٿو. اهو ڪراچي پورٽ ۽ پورٽ قاسم کان پوءِ سنڌ جو ٽيون وڏو سامونڊي دروازو بڻجڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

تازو 24 آگسٽ 2026ع تي چائنا هاربر انجنيئرنگ ڪمپني (CHEC) صدر آصف علي زرداري آڏو ڪيٽي بندر پورٽ جو تصوراتي ماسٽر پلان پيش ڪيو، جنهن ۾ هڪ نئين گهري پاڻي واري بحري رستي وارو دروازو (ڊيپ واٽر سامونڊي گيٽ وي)، مختلف ٽرمينلس، لاجسٽڪس سهولتن ۽ مددي انفراسٽرڪچر جي تجويز شامل آهن. پهرين مرحلي ۾ 500 ميٽر ڊگهي ملٽي پرپز ڪوائي (Quay) تعمير ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، جنهن جي ابتدائي انجنيئرنگ جي لاڳت تقريبن 522.34 ملين آمريڪي ڊالر ٻڌائي وئي آهي.

پر هتي هڪ ڳالهه واضح رکڻ ضروري آهي ته هي منصوبو اڃا تصوراتي ۽ منصوبابندي واري ابتدائي مرحلي ۾ آهي. اهو اڃا مڪمل طور منظور ٿيل يا تعمير هيٺ پورٽ ناهي. مالي بندوبست، فني جائزو، ماحولياتي منظوريون ۽ انفراسٽرڪچر جي ترقي کان پوءِ ئي ان جي حقيقي شڪل سامهون ايندي.

> سنڌ وٽ ڪراچي ۽ پورٽ قاسم جهڙا اهم بندرگاهه اڳ ئي موجود آهن، پر وڌندڙ عالمي واپار ۽ علائقائي رابطن جي ضرورتن کي ڏسندي هڪ اضافي سامونڊي دروازو سنڌ جي معاشي طاقت ۾ وڏو اضافو ڪري سگهي ٿو. ڪيٽي بندر صرف هڪ پورٽ منصوبو نه آهي، اهو سنڌ جي سامونڊي ورثي کي ٻيهر زنده ڪرڻ جو موقعو آهي. جيڪڏهن ان کي شفافيت، ماحولياتي ذميواري ۽ مقامي ماڻهن جي ڀلائي سان اڳتي وڌايو وڃي ته هي منصوبو سنڌ جي پوئتي پيل سامونڊي علائقن لاءِ نئين زندگي جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

ڪيٽي بندر جي اهميت صرف سنڌ تائين محدود ناهي. پاڪستان جي جاگرافيائي حيثيت اهڙي آهي جو ان جا بندرگاهه وچ ايشيا جي زميني طور بند ملڪن لاءِ به سامونڊي رستو فراهم ڪري سگهن ٿا. افغانستان، تاجڪستان، ازبڪستان ۽ ترڪمانستان جهڙا ملڪ سمنڊ کان محروم آهن. جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي بندرگاهن کي جديد ريل، روڊ ۽ لاجسٽڪس نيٽ ورڪ سان ڳنڍي سگهي ته سنڌ عالمي واپار جي هڪ اهم مرڪز ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي.

ڪيٽي بندر جي تاريخ به دلچسپ آهي. هي علائقو سنڌو ڊيلٽا جي ڏاکڻي حصي ۾ واقع آهي، جتي سنڌو درياهه عربي سمنڊ سان ملي ٿو. سنڌو درياهه جي وهڪري ۾ تبديلي، موسمي تبديلي سان گڏ سامونڊي طوفانن، آفتن ۽ ماحولياتي تبديلين سبب سنڌ جا ڪيترائي تاريخي بندرگاهه ختم ٿي ويا. شاهه بندر، اورنگابندر ۽ سوکي بندر جهڙا سامونڊي مرڪز به وقت جي تبديليءَ سان پنهنجو پراڻو ڪردار وڃائي ويٺا آهن، پر ڪيٽي بندر جي جاگرافيائي حيثيت کي اڃا تائين خاص اهميت حاصل آهي.

هن منصوبي جو سڀ کان وڏو سوال اهو آهي ته ڇا ڪيٽي بندر مقامي ماڻهن جي زندگي بهتر بڻائي سگهندو؟

جواب ها ۾ ٿي سگهي ٿو، پر شرط اهو آهي ته ترقي صرف بندرگاهه جي تعمير تائين محدود نه رهي. دنيا ۾ ڪامياب بندرگاهه صرف سامونڊي ڍانچا نه هوندا آهن، پر اهي مڪمل معاشي نظام جو حصو هوندا آهن. بندرگاهه سان گڏ صنعتون، گودام، ٽرانسپورٽ، مڇي مارڻ جون جديد سهولتون، ننڍا ڪاروبار ۽ مقامي ماڻهن لاءِ مهارتن جي تربيت ضروري هوندي آهي.

ڪيٽي بندر ۽ ڀرپاسي جا علائقا گهڻي عرصي کان معاشي محرومي، روزگار جي کوٽ ۽ بنيادي سهولتن جي گهٽتائي جو شڪار رهيا آهن. هتي جي ماڻهن جو وڏي ۾ وڏو دارومدار مڇي مارڻ تي آهي. جڏهن ته ان سان لاڳاپيل چوپايو مال ۽ زراعت پڻ شامل آهي. جيڪڏهن بندرگاهه ترقي ڪري ٿو ته هزارين سڌا ۽ اڻ سڌا روزگار پيدا ٿي سگهن ٿا. نوجوانن لاءِ شپنگ، پورٽ مينيجمينٽ، ٽرانسپورٽ، مشينري، سيڪيورٽي، هوٽلنگ، ٽوئرزم ۽ ٻين شعبن ۾ موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. پر ان سان گڏ وڏا چئلينج به موجود آهن.

پهريون چئلينج ماحولياتي تحفظ آهي. سنڌو ڊيلٽا دنيا جي حساس ماحولياتي علائقن مان هڪ آهي. سامونڊي سطح ۾ واڌ، وڌندڙ سامونڊي لوڻياٽ، تمر جي ٻيلن جي گهٽتائي ۽ موسمي تبديلي اڳ ئي هن علائقي کي متاثر ڪري رهي آهي. جڏهن ته ڪيٽي بندر جي ترقي دوران سنڌو ڊيلٽا جي ماحولياتي نظام ۽ مقامي ماهيگير برادري جي مفادن جو تحفظ ضروري آهي.

ٻيو وڏو مسئلو رابطن جي کوٽ سان گڏ هڪ جديد پورٽ لاءِ صرف پاڻي وارو رستو ڪافي ناهي. مضبوط روڊ، ريلوي، بجلي، پاڻي، ڊجيٽل سهولتون ۽ صنعتي زون ضروري آهن.

ٽيون مسئلو مقامي ماڻهن جي شموليت آهي. ماضي ۾ ڪيترن ئي وڏن منصوبن ۾ مقامي آبادي کي برابر جا فائدا نه مليا آهن. ڪيٽي بندر جي ڪاميابي لاءِ ضروري آهي ته ماهيگيرن، هارين، مالوندن جي حقن، روزگار ۽ سماجي تحفظ کي پاليسي جو حصو بڻايو وڃي.

چوٿون مسئلو مالي ۽ انتظامي شفافيت آهي. 522.34 ملين ڊالر جي ابتدائي لاڳت هڪ وڏي سيڙپڪاري آهي. اهڙي منصوبي لاءِ واضح فنانسنگ ماڊل، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ، وقت سر عملدرآمد ۽ مضبوط نگراني ضروري هوندي آهي.

ڪيٽي بندر کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڪجهه اهم قدم کڻڻ گهرجن، جيڪي هيٺ تجويز ڪجن ٿا:

1. جامع ماسٽر پلان تيار ڪيو وڃي، جنهن ۾ پورٽ سان گڏ صنعتي علائقو، ايڪسپورٽ زون، فشريز حب ۽ مقامي روزگار جا پروگرام شامل هجن.
2. ماحولياتي اثرن جو عالمي معيار مطابق جائزو ورتو وڃي ۽ تمر جا ٻيلا (مينگرووز)، سامونڊي حياتيات ۽ ڊيلٽا جي قدرتي نظام جي حفاظت کي اوليت ڏني وڃي.
3. مقامي نوجوانن لاءِ ٽيڪنيڪل يونيورسٽين ۽ تربيت جا مرڪز قائم ڪيا وڃن ته جيئن نوڪريون ٻاهرين ماڻهن بدران مقامي آبادي کي به ملي سگهن.
4. ڪيٽي بندر کي ريل ۽ روڊ نيٽ ورڪ ذريعي ملڪ جي ٻين حصن ۽ وچ ايشيا سان ڳنڍڻ لاءِ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي.



سنڌ وٽ ڪراچي ۽ پورٽ قاسم جهڙا اهم بندرگاهه اڳ ئي موجود آهن، پر وڌندڙ عالمي واپار ۽ علائقائي رابطن جي ضرورتن کي ڏسندي هڪ اضافي سامونڊي دروازو سنڌ جي معاشي طاقت ۾ وڏو اضافو ڪري سگهي ٿو. ڪيٽي بندر صرف هڪ پورٽ منصوبو نه آهي، اهو سنڌ جي سامونڊي ورثي کي ٻيهر زنده ڪرڻ جو موقعو آهي. جيڪڏهن ان کي شفافيت، ماحولياتي ذميواري ۽ مقامي ماڻهن جي ڀلائي سان اڳتي وڌايو وڃي ته هي منصوبو سنڌ جي پوئتي پيل سامونڊي علائقن لاءِ نئين زندگي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن ترقي صرف ڪنڪريٽ، ٽرمينلن ۽ واپار تائين محدود رهي ۽ مقامي ماڻهو ان مان فائدو نه وٺي سگهن ته پوءِ اهو منصوبو پنهنجي اصل مقصد کان پري ٿي ويندو.

ڪيٽي بندر جي اصل ڪاميابي ان وقت ٿيندي، جڏهن ان جا فائدا صرف جهازن ۽ واپار تائين نه، پر ان جي ڪنارن تي رهندڙ عام ماڻهن جي گهرن تائين پهچندا. اهوئي فيصلو ڪندو ته ڪيٽي بندر رڳو هڪ بندرگاهه بڻجي ٿو يا سنڌ جي نئين معاشي سجاڳ.

هيءَ رڳو هڪ بندرگاهه جي ڪهاڻي ناهي، پر سنڌ جي انهن ماڻهن جي اميدن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي چاهين ٿا ته سندن سامونڊي ڪنارا ٻيهر خوشحالي، روزگار ۽ ترقي جا مرڪز بڻجن. ڪيٽي بندر شايد سنڌ لاءِ اهو موقعو بڻجي سگهي ٿو، جتي ماضي جي تاريخ ۽ مستقبل جي معاشي خواب هڪ ٻئي سان ملن ٿا. ■


mikumbhar2000@yahoo.com

## جنريشن زي ۽ سنڌ جو مستقبل

# سنڌ جي جنريشن زي کي ذاتي ڪاميابيءَ کي پنهنجي ڌرتيءَ جي ترقيءَ سان ڳنڍڻو پوندو

ڊاڪٽر عنايت الله مگسي



تاريخ جڏهن ڪنهن نسل جو حساب ڪندي آهي ته اها رڳو اهو نٿي ڏسي ته ان نسل ڪيتريون ڊگريون حاصل ڪيون، ڪيترا عهدا ماڻيا، ڪيترو مال ڪمايو يا پنهنجي ذاتي زندگيءَ کي ڪيترو آرامده بڻايو. تاريخ جو اصل سوال اهو هوندو آهي ته، ان نسل کي جيڪو وقت، موقعا ۽ وسيلا مليا، انهن کي انهن ڪيئن استعمال ڪيو؟ ان نسل پنهنجي سماج، پنهنجي قوم ۽ پنهنجي پٺيان ايندڙ نسلن لاءِ ڇا ڪيو؟ اڄ جڏهن دنيا تيز رفتار تبديليءَ جي دور مان گذري رهي آهي، تڏهن اهو سوال خاص طور تي اڄ جي نوجوان نسل، يعني ”جنريشن زي“ جي سامهون بيٺو آهي.

تقريباً 1997ع کان 2012ع جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ ”جنريشن زي“ اڄ 2026ع ۾ لڳ ڀڳ 13 کان 29 سالن جي عمر ۾ آهي. ان نسل ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد، يونيورسٽين جا نوجوان، نوان ڊگري يافته، نوجوان استاد، ڊاڪٽر، انجنيئر، محقق، واپاري، سرڪاري ۽ نجي شعبن جا ملازم ۽ مستقبل جا اڳواڻ شامل آهن. تنهنڪري جنريشن زي کي رڳو سياڻي جو نسل چوڻ هاڻي مناسب نه آهي، ڇو ته هي نسل اڄ ئي ملڪ جي تعليمي، معاشي، سماجي ۽ علمي زندگيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سياڻي جي رخ جو هڪ وڏو حصو به ان نسل جي سوچ، ڪردار ۽ عمل سان جڙيل هوندو.

اڄ جي نوجوان لاءِ سڀ کان وڏو سوال صرف روزگار حاصل ڪرڻ يا پنهنجي معاشي حالت بهتر بڻائڻ جو ناهي. يقيناً هر نوجوان لاءِ ضروري آهي ته هو علم حاصل ڪري، مهارتون سکي، پنهنجي پيرن تي بيهي ۽ پنهنجي خاندان جي ذميواري سنڀالي، پر هڪ نسل جي ذميواري فرد جي ذميواري کان وڌيڪ وسيع هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو نوجوان پاڻ ڪامياب ٿي وڃي، پنهنجي خاندان کي سنڀالي ۽ پنهنجي ذاتي زندگيءَ کي محفوظ بڻائي، ته اها سندس ذاتي ڪاميابي ضرور آهي، پر قوم ۽ نسل جي حوالي سان سندس ذميواري اتي ختم نٿي ٿئي. هڪ نسل کي پنهنجي ذات کان اڳتي وڌي پنهنجي سماج، ڌرتي ۽ پٺيان ايندڙ نسلن لاءِ به سوچڻو پوندو آهي.

جنريشن زي کان اڳ ملينيلز يا جنريشن وءِ جو نسل آيو، جيڪو تقريباً 1981ع کان 1996ع جي وچ ۾ پيدا ٿيو ۽ اڄ لڳ ڀڳ 30 کان 45 سالن جي عمر ۾ آهي. ان نسل روايتي دنيا کان ڊجيٽل دنيا ڏانهن تبديلي پنهنجي اکين سان ڏٺي. ان کان پوءِ جنريشن زي آئي، جنهن لاءِ موبائل فون، انٽرنيٽ ۽ سماجي رابطن جا جديد وسيلا زندگيءَ جو فطري حصو بڻجي ويا. ان کان پوءِ جنريشن الفا جو نسل آهي، جيڪو تقريباً 2013ع کان 2024ع جي وچ ۾ پيدا ٿيو ۽ اڄ اهو 2 کان 13 سالن جي عمر ۾ آهي. پوءِ جنريشن بيٽا جو دور شروع ٿي چڪو آهي، جنهن جا ڪيترائي فرد اڃا پيدا به نه ٿيا آهن، ۽ مستقبل ۾ جنريشن گاما ۽ جنريشن ڊيلٽا جهڙا نسل به اچڻا آهن. انهن مستقبل جي نسلن جي دنيا اڃا اسان جي اکين آڏو ناهي آئي، پر انهن جي دنيا جو بنياد اڄ ئي رکيو پيو وڃي.

> سنڌ جي جنريشن زيءَ تي ان حوالي سان هڪ خاص ذميواري عائد ٿئي ٿي. سنڌ هڪ قديم تهذيب، علم، ثقافت ۽ تاريخ جو وارث خطو آهي، پر ان جي سامهون تعليم، روزگار، ماحول، پاڻي، معيشت، شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي فرق ۽ جديد ٽيڪنالاجي تائين رسائي جهڙا ڪيترائي چئلينج به موجود آهن. هر نوجوان کي پنهنجي حصي جو سوال پاڻ کان پڇڻو پوندو ته هو سنڌ جي مستقبل لاءِ ڇا ڪري رهيو آهي. سنڌ جي جنريشن زي کي پنهنجي ذاتي ڪاميابيءَ سان گڏ پنهنجي ڌرتيءَ جي علمي ۽ سماجي ترقيءَ سان به پاڻ کي ڳنڍڻو پوندو.

ان لحاظ کان جنريشن زي جي حيثيت انتهائي اهم آهي. هي نسل هڪ اهڙي موڙ تي بيٺو آهي، جتان هو گذريل دور جي تجربن کي به سمجهي سگهي ٿو ۽ ايندڙ دور جي تعمير ۾ به حصو وٺي سگهي ٿو. جنريشن الفا جا ٻار اڄ جن ماڻهن کي ڏسي رهيا آهن، انهن ۾ جنريشن زي به شامل آهي. سياڻي جڏهن جنريشن الفا، جنريشن بيٽا ۽ ان کان پوءِ ايندڙ نسل پنهنجي زندگيءَ جا رستا چونڊيندا، ته انهن جي سوچ تي اڄ جي نوجوانن جي ڪردار جو به اثر هوندو. تنهنڪري جنريشن زي کي صرف پنهنجي دور جي نوجوانن وانگر نه، پر ايندڙ نسلن جي رهنمائي ڪندڙ مثال طور به پاڻ کي ڏسڻو پوندو.

اڄ جو وقت نوجوانن کي بيشمار سهولتون ۽ موقعا ڏئي رهيو آهي، پر انهن سهولتن سان گڏ هڪ وڏو امتحان به موجود آهي. هٿ ۾ موجود موبائل فون ۽ انٽرنيٽ ذريعي دنيا جو علم چند لمحن ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿو. اڄ جو نوجوان دنيا جي بهترين استادن کان سکي سگهي ٿو، نوان مضمون پڙهي سگهي ٿو، مختلف مهارتن ۾ تربيت حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي قابليت کي دنيا تائين پهچائي سگهي ٿو. پر ساڳيا وسيلا جيڪڏهن صرف وقت گذارڻ، ٻين جي زندگين کي ڏسڻ ۽ بي مقصد مصروفيتن تائين محدود ٿي وڃن ته اهي نوجوان جي صلاحيتن کي وڌائڻ بدران سندس وقت ۽ توانائي ضايع ڪري سگهن ٿا. ان ڪري اڄ جي نوجوان لاءِ سوال اهو ناهي ته وٽس جديد وسيلا موجود آهن يا نه، پر اصل سوال اهو آهي ته هو اهي وسيلا ڪهڙي مقصد لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي.

اڄ دنيا جي تيز تبديليءَ ۾ صرف علم حاصل ڪرڻ ڪافي نه رهيو آهي. دنيا جي ترقي يافته قومن جا نوجوان هٿرادو ڏاهپ، خودڪار نظامن، حياتياتي ٽيڪنالاجي، صاف توانائي، خلائي تحقيق ۽ ڊجيٽل معيشت جي نون شعبن ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن، ان ڪري سنڌ صوبي ۽ پاڪستان جي جنريشن زي لاءِ به ضروري آهي ته هو رڳو ڊگري حاصل ڪرڻ يا نوڪريءَ جو انتظار ڪرڻ تائين محدود نه رهن. ڪين علم، تحقيق، تخليق، نون خيالن ۽ مسلسل سکڻ جي عادت کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائڻو پوندو. دنيا ڪنهن جو انتظار نٿي ڪري، ۽ جيڪي قومون علم ۽ مهارتن ۾ پوئتي رهجي وڃن ٿيون، انهن کي پوءِ ٻين قومن جي رفتار سان هلڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو.

جنريشن زي کي صرف قابل نه، پر ذميوار ۽ وطن دوست به بڻجڻو پوندو. وطن سان محبت جو مطلب صرف لفظن، نعرن يا خاص ڏينهن تائين محدود ناهي. وطن سان سچي محبت انسان جي روزمره ڪردار ۾ ظاهر ٿيندي آهي. هڪ استاد ايمانداريءَ سان پڙهائي، هڪ ڊاڪٽر مريضن سان انصاف ڪري، هڪ انجنيئر ذميواريءَ سان پنهنجو ڪم ڪري، هڪ سرڪاري ملازم عوام جي خدمت ڪري ۽ هڪ شاگرد ايمانداريءَ سان علم حاصل ڪري ته اهي سڀ پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ملڪ جي خدمت ڪري رهيا هوندا. وطن دوستيءَ جو مطلب اهو به آهي ته انسان غلط ڪم، ناانصافي، بدعنواني ۽ بي ايمانيءَ کي عام ڳالهه سمجهي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ۽ پنهنجي حصي جي ذميواري ايمانداريءَ سان نڀائي.



سنڌ جي جنريشن زيءَ تي ان حوالي سان هڪ خاص ذميواري عائد ٿئي ٿي. سنڌ هڪ قديم تهذيب، علم، ثقافت ۽ تاريخ جو وارث خطو آهي، پر ان جي سامهون تعليم، روزگار، ماحول، پاڻي، معيشت، شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي فرق ۽ جديد ٽيڪنالاجي تائين رسائي جهڙا ڪيترائي چئلينج به موجود آهن. سنڌ جو نوجوان جيڪڏهن صرف انهن مسئلن تي افسوس ڪندو رهي يا هر ذميواري ڪنهن ٻئي تي وجهي پاڻ کي آزاد سمجهي، ته تبديليءَ جو سفر ڏکيو رهندو. هر نوجوان کي پنهنجي حصي جو سوال پاڻ کان پڇڻو پوندو ته هو سنڌ جي مستقبل لاءِ ڇا ڪري رهيو آهي.

سنڌ جي جنريشن زي کي پنهنجي ذاتي ڪاميابيءَ سان گڏ پنهنجي ڌرتيءَ جي علمي ۽ سماجي ترقيءَ سان به پاڻ کي ڳنڍڻو پوندو. جيڪڏهن ڪراچي يا ڪنهن ٻئي شهر جو نوجوان جديد علم ۽ ٽيڪنالاجي تائين وڌيڪ رسائي رکي ٿو ته کيس سوچڻ گهرجي ته اها ڄاڻ سنڌ جي ٻين شِهرن جي نوجوانن تائين ڪيئن پهچي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن نوجوان کي اعليٰ تعليم، وظيفو يا روزگار جو سٺو موقعو ملي ٿو ته کيس ٻين نوجوانن کي به اهڙن موقعن بابت رهنمائي ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا نئين مهارت اچي ٿي ته کيس پنهنجي علم کي پنهنجي ذات تائين محدود رکڻ بدران ٻين لاءِ سکڻ جا موقعا پيدا ڪرڻ گهرجن.

شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي جنريشن زي هڪ ئي نسل سان تعلق رکن ٿيون، پر ٻنهي جا موقعا هميشه هڪجهڙا ناهن. شهري نوجوان کي نسبتاً بهتر تعليمي ادارن، تيز انٽرنيٽ، ڪمپيوٽرن، ڪيريئر بابت رهنمائي ۽ روزگار جي موقعن تائين وڌيڪ رسائي حاصل آهي، جڏهن ته ٻهراڙيءَ جي نوجوان وٽ ساڳي صلاحيت ۽ ساڳيا خواب هوندي به وٽن وسيلن جي کوٽ آهي. اهو فرق قابليت جو نه، پر موقعن جو آهي، ان ڪري شهري نوجوانن کي پنهنجي وڌيڪ وسيلن ۽ ڄاڻ جي بنياد تي ٻهراڙيءَ جي نوجوانن لاءِ رستا پيدا ڪرڻا پوندا، جڏهن ته ٻهراڙيءَ جي نوجوانن کي پنهنجي محدود وسيلن کي پنهنجي خوابن جي حد نه سمجهڻ گهرجي.

شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي نوجوانن جي وچ ۾ علم ۽ تجربن جي ڀائيواري سان سنڌ لاءِ نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. شهر جو نوجوان جديد ٽيڪنالاجي، واپار، رابطي ۽ نون علمي شعبن ۾ پنهنجو تجربو ونڊي سگهي ٿو، جڏهن ته ٻهراڙيءَ جو نوجوان زراعت، مقامي معيشت، قدرتي وسيلن ۽ پنهنجي علائقي جي حقيقي مسئلن بابت عملي ڄاڻ رکي ٿو. جڏهن اهي ٻئي هڪ ٻئي کان سکندا ۽ گڏجي ڪم ڪندا ته سنڌ جي نوجوانن جي طاقت ڪيترائي ڀيرا وڌي سگهي ٿي.

جنريشن الفا اڄ اسان کي ڏسي رهي آهي. ان کان پوءِ جنريشن بيٽا، گاما ۽ ڊيلٽا به اهڙي دنيا ۾ ايندين، جنهن جو بنياد اسان اڄ رکون ٿا. سياڻي جا ٻار اسان کان صرف جديد ٽيڪنالاجي نه، پر زندگيءَ جو طريقو به سکندا. هو ڏسندا ته اسان وقت ڪيئن گذاريو، مسئلن کي ڪيئن منهن ڏنو، پنهنجي ڪاميابيءَ سان ٻين لاءِ ڇا ڪيو ۽ پنهنجي وطن سان ڪهڙي وفاداري نڀائي، ان ڪري هر نوجوان کي سوچڻ گهرجي ته سندس اڄ جو عمل سياڻي ڪنهن ٻار لاءِ مثال بڻجي سگهي ٿو.

ايندڙ نسلن کي اسان کان اهو نه سکڻ گهرجي ته وقت ڪيئن ضايع ڪجي، پر اهو سکڻ گهرجي ته وقت کي مقصد ۾ ڪيئن تبديل ڪجي. انهن کي اهو نه سکڻ گهرجي ته صرف پنهنجو فائدو ڪيئن ڏسجي، پر اهو سکڻ گهرجي ته پنهنجي ڪاميابيءَ سان ٻين لاءِ به رستا ڪيئن کولجن. انهن کي اهو نه سکڻ گهرجي ته مسئلن جي شڪايت ڪيئن ڪجي، پر اهو سکڻ گهرجي ته مسئلن جو حل ڪيئن ڳولجي. هر نسل پنهنجي پٺيان رڳو ملڪيت نه ڇڏيندو آهي؛ اهو ڪردار، مثال ۽ رستو به ڇڏي ويندو آهي.

هڪ ڏينهن، وقت جنريشن زي کان ضرور پڇندو ته، توهان وٽ علم تائين رسائي هئي، توهان ان مان ڇا سکيو؟ توهان وٽ جديد ٽيڪنالاجي هئي، توهان ان سان ڇا پيدا ڪيو؟ توهان وٽ موقعا هئا، توهان پنهنجي لاءِ ڇا ڪيو ۽ ٻين لاءِ ڇا ڪيو؟ توهان پنهنجي خاندان کي سنڀاليو، پر پنهنجي سماج لاءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟ توهان پنهنجي ڌرتيءَ جي مسئلن کي ڏٺو، پر انهن جي حل لاءِ پنهنجو حصو ڪيترو وڌو؟ اهي سوال اڄ شايد نوجوانن کي سمجهڻ گهرجن، ڇاڪاڻ جو تاريخ ۽ وقت هميشه نسلن کان سندن ڪردار جو حساب وٺندا آهن.

ان ڪري جنريشن زي لاءِ وقت جو پيغام بلڪل واضح آهي. پنهنجو مستقبل ٺاهيو، پر صرف پنهنجو مستقبل نه ٺاهيو. پنهنجي پيرن تي بيهو، پر ٻين کي به بيهڻ جو رستو ڏيو. علم حاصل ڪريو، پر علم ونڊيو به. مهارتون سکو، پر ٻين کي سکڻ جو موقعو به ڏيو. ڪامياب ٿيو، پر پنهنجي ڪاميابيءَ کي پنهنجي ذات تائين محدود نه رکو. دنيا سان مقابلو ڪريو، پر پنهنجي ڌرتيءَ کي نه وساريو. وطن سان محبت ڪريو، پر ان محبت کي لفظن کان وڌيڪ پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان ثابت ڪريو.

سنڌ ۽ پاڪستان کي صرف اهڙا نوجوان نه گهرجن، جيڪي پنهنجو مستقبل محفوظ ڪن، پر اهڙا نوجوان گهرجن، جيڪي ٻين لاءِ به مستقبل ٺاهين. اسان کي صرف روزگار ڳوليندڙ نوجوان نه، پر موقعا پيدا ڪندڙ نوجوان گهرجن. اسان کي صرف مسئلن تي ڳالهائيندڙ نه، پر انهن جو حل ڏيڻ جو ڄاڻندڙ نوجوان گهرجن. اسان کي صرف دنيا جي ترقي ڏسندڙ نه، پر ترقي يافته دنيا سان مقابلو ڪرڻ جي همت رکندڙ نوجوان گهرجن.

جنريشن زي کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو ته هو رڳو هڪ گذرندڙ نسل بڻجڻ چاهين ٿا يا هڪ اهڙو نسل، جيڪو سنڌ ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ پنهنجي ذميواري، علم، ڪردار ۽ خدمت جي ڪري ياد رکيو وڃي. ڪين صرف پنهنجي وقت جا نوجوان نه، پر سنڌ جي ايندڙ نسلن لاءِ مثال بڻجڻو پوندو. ڪين اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته محدود وسيلن، ڏکين حالتن ۽ وڏن چئلينجز جي باوجود هڪ نسل جيڪڏهن علم، محنت، ايمانداري ۽ اجتماعي ذميواريءَ سان اٿي بيهي ته اهو پنهنجي دور جو رخ بدلائي سگهي ٿو.

نسلن جو اصل امتحان اهو ناهي ته انهن پنهنجي وقت ۾ ڪيترو حاصل ڪيو؛ نسلن جو اصل امتحان اهو آهي ته انهن پنهنجي پٺيان ايندڙ نسلن لاءِ ڪهڙي دنيا ڇڏي. اهو اڄ جو سوال سڀ کان وڌيڪ جنريشن زي جي سامهون آهي. ■

# پاڪستان ۾ منشيات جو وڌندڙ خطرو ۽ نوجوان نسل

عرفان هارون



ڪنهن به معاشري جي اصل ڪمزوري ان وقت سامهون اچي ٿي، جڏهن ان جون خواب ڏسندڙ اکيون ڌنڌليون ٿي وڃن ۽ ان جا نوجوان پنهنجي مستقبل جي ڳولا ۾ اڳتي وڌڻ بدران نشي جي اونداهين گهٽين ۾ ڀٽڪڻ لڳن. منشيات خاموشيءَ سان زندگيءَ ۾ داخل ٿئي ٿي، پر جڏهن اها پنهنجو هنڌ ٺاهي وٺي ٿي، ته رڳو هڪ فرد کي پنهنجي گهيري ۾ نٿي آڻي؛ پر انهن جا اثر گهر جي دروازي کان نڪري خاندان، تعليم، صحت، معاشرت ۽ آخرڪار ملڪ تائين پکڙجي وڃن ٿا. پاڪستان ۾ منشيات جو وڌندڙ رجحان ان کري رڳو هڪ سماجي برائي نه، پر اهڙي خطري جي صورت اختيار ڪري رهيو آهي، جنهن کي نظرانداز ڪرڻ سياڻي کي خطري ۾ وجهڻ جي برابر هوندو.

سڀ کان وڏيڪ ڳڻتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته منشيات جو دائرو هاڻي رڳو مخصوص علائقن، طبقن يا روايتي نشي آور شين تائين محدود نه رهيو آهي. آئس يا ڪرسٽل ميٿ، ڪينابس، اوپيئڊز ۽ ٻين منشيات سان گڏ ڪجهه نسخي واريون دوائون غير طبي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جو خطرو پڻ موجود آهي. نوجوانن ۾ مختلف قسمن جي منشيات جي استعمال، تعليمي ادارن ۾ رپورٽ ٿيندڙ واقعن ۽ ڪجهه خانگي محفلن ۽ تقريبن ۾ منشيات جي استعمال بابت اطلاعن آهن. ٻئي طرف گٽڪو، مين پوري، ماوا ۽ زردي جهڙين نقصانڪار شين جي استعمال ان مسئلي کي هڪ وسيع سماجي ۽ عوامي صحت جي بحران جي شڪل ڏئي ڇڏي آهي.

پاڪستان ۾ منشيات جو وڌندڙ خطرو

منشيات جي مسئلي جي سنگينيءَ جو اندازو رڳو ان ڳالهه مان نٿو لڳائي سگهجي ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪيتريون گرفتاريون ڪيون يا ڪيتري مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي. اصل سوال ان کان گهڻو وڏو آهي. ڪيترا نوجوان هن جار ۾ داخل ٿي رهيا آهن؟ ڪيترا خاندان ان جا اثر برداشت ڪري رهيا آهن؟ ڪيترا شاگرد پنهنجي تعليم کان پري ٿي رهيا آهن؟ ۽ معاشرو هر سال پنهنجي ڪيتري انساني صلاحيت وڃائي رهيو آهي؟

تعليمي ادارن جي انتظاميا جي ذميواري پڻ غيرمعمولي اهميت رکي ٿي. ادارن ۾ رڳو حاضري، امتحانن ۽ نتيجن جي نگراني ڪافي ناهي. شاگردن جي روين ۾ اوچتو تبديلي، تعليمي ڪارڪردگيءَ ۾ غيرمعمولي گهٽتائي، اڪيلائي، ذهني دٻاءُ ۽ مشڪوڪ سرگرمين يا دوستن جي حلقي ۾ تبديلي جهڙن اشارن کي پڻ سنجيدگيءَ سان ڏسڻ جي ضرورت آهي.

2013ع جي قومي سروي پاڪستان ۾ منشيات جي استعمال جي هڪ ڳڻتيءَ جوڳي تصوير پيش ڪئي هئي. ان سروي موجب 15 کان 64 سالن جي عمر وارن تقريباً 67 لک ماڻهن گذريل هڪ سال دوران غيرقانوني منشيات استعمال ڪئي هئي، جڏهن ته تقريباً 42 لک ماڻهو منشيات جي استعمال سان لاڳاپيل بيماري يا ان تي پاڙڻ جو شڪار هئا. اهي انگ اکر هاڻي هڪ ڏهاڪي کان وڏيڪ پراڻا آهن، تنهنڪري انهن کي اڄ جي مڪمل صورتحال جو سڌو سنئون ماپو قرار ڏيڻ درست نه ٿيندو، تنهن هوندي به، اهو ضرور ظاهر ڪن ٿا ته پاڪستان ۾ منشيات جو مسئلو نه نئون آهي، ۽ نه ئي معمولي.

ان خال کي پرڻ لاءِ 2022ع کان 2024ع واري عرصي لاءِ قومي سطح تي منشيات جي استعمال بابت نئون سروي شروع ڪيو ويو، ته جيئن بدلجندڙ رجحانن، استعمال ٿيندڙ منشيات جي قسمن ۽ متاثر ٿيندڙ آبادي بابت تازا ثبوت حاصل ڪري سگهجن. اهڙي نوعيت جا تازا ۽ مڪمل قومي نتيجا رڳو انگ اکر نه، پر مستقبل جي پاليسي لاءِ بنيادي ضرورت آهن. اسان کي معلوم هئڻ گهرجي ته مسئلو ڪيڏانهن وڌي رهيو آهي، ڪهڙي عمر جا گروهه وڏيڪ متاثر آهن ۽ ڪهڙن قسمن جي منشيات جو استعمال تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي؟

تعليمي ادارن جي صورتحال هن مسئلي جو شايد سڀ کان وڏيڪ حساس پاسو آهي. 2025ع دوران ملڪ جي 58 اعليٰ تعليمي ادارن ۾ منشيات سان لاڳاپيل 365 رپورٽ ٿيل ڪيس سامهون اچڻ جا اطلاع مليا. اهو تعداد منشيات استعمال ڪندڙ شاگردن جو مجموعي تعداد نه، پر رپورٽ ٿيل ڪيسن جو آهي، تنهنڪري ان کي سڄي ملڪ جي شاگردن ۾ منشيات جي پکڙجڻ جي شرح قرار ڏيڻ درست نه هوندو. تنهن هوندي به، تعليمي ادارن ۾ اهڙي نوعيت جا واقعا سامهون اچڻ ان حقيقت ڏانهن ضرور اشارو ڪن ٿا ته مسئلو هاڻي انهن هنڌن تائين پهچي چڪو آهي، جتي نوجوانن کي علم، ڪردار ۽ مستقبل جي تعمير لاءِ تيار ڪيو وڃڻ گهرجي.

هتي هڪ بنيادي سوال اسان جي سامهون اچي ٿو: جيڪڏهن ڪو شاگرد منشيات تائين پهچي رهيو آهي ته اها منشيات ان تائين ڪير پهچائي رهيو آهي؟ ڇو ته مسئلي جو هڪ پاسو استعمال ڪندڙ آهي، پر ٻيو پاسو اهو سڄو نظام آهي، جيڪو استعمال ڪندڙ تائين منشيات پهچائي ٿو.

سوشل ميڊيا ان معاملي کي هڪ نئون رخ پڻ ڏنو آهي. وقت بوقت اهڙيون وڊيوز ۽ تصويرون گردش ڪنديون رهن ٿيون، جن ۾ نوجوان خانگي محفلن، پارٽين يا ڪجهه تفريحي هنڌن تي غيرمعمولي روين جو مظاهرو ڪندي نظر اچن ٿا ۽ ڪجهه منظرن ۾ اهڙيون شيون به نظر اچن ٿيون، جن کي منشيات جي استعمال سان لاڳاپيل سمجهيو وڃي ٿو. هر وڊيو جي آزاداڻي تصديق ممڪن ناهي، تنهنڪري هر منظر کي ثبوت قرار ڏيڻ مناسب نه آهي؛ تنهن هوندي به، اهڙين وڊيوز جي مسلسل گردش ان ڳالهه تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ جي گهرج ڪري ٿي ته نوجوانن جي سماجي ماحول، تفريحي سرگرمين ۽ منشيات جي ممڪن دستيابي ۾ ڪهڙيون تبديليون اچي رهيون آهن.

مسئلو رڳو اهو ناهي ته منشيات ڪٿي وڪرو ٿي رهي آهي؛ اهو پڻ ڏسڻو پوندو ته نئين ٽيڪنالاجي انهن تائين رسائيءَ کي ڪهڙيءَ ريت آسان بڻائي ڇڏيو آهي. سوشل ميڊيا، ڳجهن ڊجيٽل رابطن ۽ آن لائين نيٽ ورڪن ذريعي خريدار ۽ وڪرو ڪندڙ هڪ ٻئي تائين پهچي سگهن ٿا، جنهن سبب روايتي نگراني جا طريقا وڏيڪ ڏکيا ٿي وڃن ٿا. تنهنڪري منشيات خلاف حڪمت عملي ۾ سائبر مانيٽرنگ ۽ لاڳاپيل ادارن جي گڏيل سهڪار کي پڻ شامل ڪرڻو پوندو.

ٻئي طرف سنڌ ۾ گٽڪي، مين پوري، ماوي، زردي ۽ ٻين نقصانڪار تماڪ وارين شين جو استعمال هڪ الڳ، پر انتهائي سنگين عوامي صحت جو مسئلو آهي. پاڪستان ۾ ٿيل تحقيق ۾ انهن شين ۽ وات جي ڪينسر سميت ڪيترن ئي سنگين صحت جي مسئلن وچ ۾ لاڳاپي جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. هن مسئلي کي رڳو هڪ روايتي عادت يا معمولي سماجي برائي سمجهي نظرانداز ڪرڻ پڻ خطرناڪ آهي.

نوجوانن تائين منشيات ڪير پهچائي رهيو آهي؟

جڏهن ڪو نوجوان نشي جي عادت ۾ مبتلا ٿئي ٿو ته عام طور تي سڀ کان پهرين ان نوجوان کي ئي ذميوار قرار ڏنو وڃي ٿو. بيشڪ فرد پنهنجي عمل جو ذميوار آهي، پر رڳو ان کي ڏوهي قرار ڏئي اسان مسئلي جي پاڙ تائين نٿا پهچي سگهون.

اصل سوال اهو آهي ته منشيات هن جي هٿن تائين پهتي ڪيئن؟

ڪنهن فراهم ڪئي؟ ڪٿان آئي؟ ڪنهن وڪرو ڪئي؟ ڪهڙي نيٽ ورڪ ان کي ورهايو؟ ۽ انهن سمورن مرحلن تي نگراني ڪندڙ ادارا ڪٿي هئا؟ جيڪڏهن ڪنهن نوجوان کي گرفتار ڪيو وڃي، پر اهو شخص يا نيٽ ورڪ بدستور موجود رهي، جيڪو درجنين ٻين نوجوانن کي منشيات فراهم ڪري رهيو هجي، ته مسئلو ختم نٿو ٿئي. رڳو هڪ نالو تبديل ٿئي ٿو.

انهيءَ ڪري اصل ڌيان انهن عنصرن تي هجڻ گهرجي، جيڪي منشيات تيار، اسمگل، ذخيرو ۽ وڪرو ڪن ٿا، خاص طور اهي نيٽ ورڪ، جيڪي نوجوانن ۽ تعليمي ادارن جي ويجهو پنهنجو اثر قائم ڪري وٺن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن تعليمي اداري جي چوڌاري منشيات وڪرو ڪرڻ وارو نيٽ ورڪ موجود هجي ته رڳو شاگرد يا ان جي والدين کان جواب طلب ڪرڻ ڪافي ناهي. اداري جي انتظاميا، مقامي انتظاميا ۽ لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ نظام کي پڻ اهو ڏسڻو پوندو ته فراهمي جو ذريعو ڪٿي آهي، نگراني ۾ ڪٿي خال پيدا ٿيو ۽ ان خال کي ختم ڪرڻ جي ذميواري ڪنهن جي آهي.

اڄ منشيات جو غيرقانوني ڪاروبار رڳو روايتي ڏوهاري گروهن تائين محدود ناهي. عالمي سطح تي منشيات جي مارڪيٽ وڏيڪ متنوع، منظم ۽ ٽيڪنالاجي سان ڳنڍجي چڪي آهي. گڏيل قومن جي منشيات ۽ ڏوهن بابت آفيس جي 2026ع جي رپورٽ موجب 2024ع ۾ سڄي دنيا ۾ تقريباً 33 ڪروڙ 10 لک ماڻهن منشيات استعمال ڪئي، جيڪا 2014ع جي ڀيٽ ۾ 34 سيڪڙو وڏيڪ آهي. رپورٽ موجب ڪينابس تقريباً 25 ڪروڙ 60 لک استعمال ڪندڙن سان دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ استعمال ٿيندڙ منشيات آهي، جڏهن ته غير طبي طور اوپيئڊز استعمال ڪندڙن جو انگ تقريباً 6 ڪروڙ 30 لک رهيو.

عالمي سطح تي نيون سائڪو ايڪٽو شيون (psychoactive substances) پڻ تيزيءَ سان سامهون اچي رهيون آهن، جنهن جو مطلب اهو آهي ته منشيات خلاف روايتي نگراني ۽ قانوني ڍانچي کي پڻ مسلسل اپ ڊيٽ ڪرڻو پوندو. پاڪستان ان عالمي تبديليءَ کان الڳ نٿو رهي سگهي. پاڪستان جي جاگرافيائي حيثيت پڻ ان کي هن معاملي ۾ خاص طور حساس بڻائي ٿي. خطي ۾ منشيات جي پيداوار، اسمگلنگ ۽ مختلف بين الاقوامي رستن جي موجودگي سبب پاڪستان کي هڪ طرف سرحد پار اسمگلنگ کي منهن ڏيڻو آهي ۽ ٻئي طرف ملڪ اندر وڌندڙ طلب کي به روڪڻو آهي. ان ذميواري ۾ پوليس، اينٽي نارڪوٽڪس فورس، ڪسٽمز، صحت، تعليم، سائبر ڪرائم سان لاڳاپيل ادارن ۽ ضلعي انتظاميا سميت سڀني لاڳاپيل ادارن کي هڪ مربوط نظام تحت ڪم ڪرڻو پوندو. هڪ ادارو ٻئي کي ذميوار قرار ڏيندو رهي ۽ مسئلو وڌندو رهي ته ان جو نقصان آخرڪار معاشري کي ئي برداشت ڪرڻو پوندو.

تعليمي ادارن جي انتظاميا جي ذميواري پڻ غيرمعمولي اهميت رکي ٿي. ادارن ۾ رڳو حاضري، امتحانن ۽ نتيجن جي نگراني ڪافي ناهي. شاگردن جي روين ۾ اوچتو تبديلي، تعليمي ڪارڪردگيءَ ۾ غيرمعمولي گهٽتائي، اڪيلائي، ذهني دٻاءُ ۽ مشڪوڪ سرگرمين يا دوستن جي حلقي ۾ تبديلي جهڙن اشارن کي پڻ سنجيدگيءَ سان ڏسڻ جي ضرورت آهي.

ان مقصد لاءِ وڏن تعليمي ادارن ۾ تربيت يافته ڪائونسلرز، نفسياتي مدد ۽ رازداريءَ تي ٻڌل رپورٽنگ جو مؤثر نظام هجڻ گهرجي. نوجوان کي ڏوهاري سمجهڻ کان اڳ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته هو ڪهڙي مرحلي تي ۽ ڇو ان رستي تي پهتو. گهر پڻ ان نظام جي بنيادي اڪائي آهي. والدين کي ٻارن جي سرگرمين، دوستن، ذهني ڪيفيت ۽ روزمره جي معمولن کان باخبر رهڻ گهرجي. پر نگراني ۽ اعتماد ۾ توازن ضروري آهي. رڳو دڙڪا، سزا ۽ سختي هميشه مسئلي جو حل نٿي بڻجي. ڪڏهن ڪڏهن نوجوان کي ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ بروقت مدد فراهم ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي.

هاڻي رڳو ڪارروائي نه، مڪمل حڪمت عملي گهرجي

پهريون ٿنڀو روڪٿام آهي. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ منشيات خلاف تقريري مقابلا ڪرائڻ سان گڏ نوجوانن لاءِ مسلسل ڪائونسلنگ، راندين، هنر، تخليقي مصروفيتن ۽ ذهني صحت بابت معاونت جا پروگرام ضروري آهن.

ٻيو ٿنڀو قانون جو مؤثر نفاذ آهي. قانون جو اصل دٻاءُ انهن ماڻهن تي هجڻ گهرجي، جيڪي منشيات جو ڪاروبار ڪن ٿا. سپلاءِ چين، وڏن ڊيلرن، اسمگلنگ نيٽ ورڪن، ذخيرو ڪندڙن ۽ نوجوانن کي نشانو بڻائيندڙ عنصرن تائين پهچڻو پوندو.

ٽيون ٿنڀو علاج آهي. منشيات استعمال ڪندڙ هر شخص کي رڳو ڏوهاري سمجهڻ مسئلي جي مڪمل تصوير ناهي. منشيات تي انحصار هڪ پيچيده طبي ۽ نفسياتي مسئلو پڻ ٿي سگهي ٿو ۽ ڪيترائي ماڻهو علاج، مشاورت ۽ مسلسل مدد ذريعي ٻيهر معمول جي زندگيءَ ڏانهن موٽي سگهن ٿا.

چوٿون ٿنڀو بحالي آهي، ڇاڪاڻ ته علاج کان پوءِ اصل امتحان شروع ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو نشو ڇڏڻ کان پوءِ ٻيهر ان ئي ماحول ۾ هليو وڃي، جتان هو هن عادت ۾ مبتلا ٿيو هو، ته ٻيهر نشي ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو برقرار رهي ٿو. ان ڪري بحاليءَ کي تعليم، هنر ۽ روزگار جي موقعن سان ڳنڍڻو پوندو. نشي مان نڪرندڙ نوجوان کي ٻيهر معاشري ۾ عزت وارو مقام ڏيڻ رڳو انساني همدردي نه، پر هڪ عملي ضرورت پڻ آهي. جيڪڏهن ڪيس تعليم يا روزگار جو رستو نه ملندو ته هو ٻيهر ان ئي ماحول ڏانهن موٽي سگهي ٿو، جنهن مان نڪرڻ لاءِ هن علاج حاصل ڪيو هو.

تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي پڻ آهي ته صحت، تعليم، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ بحاليءَ وارن مرڪزن مان حاصل ٿيندڙ معلومات کي مناسب رازداريءَ سان هڪ مربوط نيشنل مانيٽرنگ سسٽم سان ڳنڍيو وڃي. ان سان حڪومت کي اهو سمجهڻ ۾ مدد ملندي ته مسئلو ڪٿي وڌي رهيو آهي ۽ وسيلا ڪٿي وڏيڪ گهربل آهن. ان سان گڏ پاڙو، يونين ڪائونسل، والدين، استاد، سماجي تنظيمون ۽ ڪميونٽي ليڊرز پڻ منشيات جي روڪٿام جي عمل جو حصو بڻجي سگهن ٿا.

هن جنگ ۾ هڪ نوجوان کي نشي کان بچائڻ رڳو هڪ فرد کي بچائڻ ناهي؛ اهو هڪ خاندان کي بچائڻ، هڪ مستقبل کي بچائڻ ۽ پاڪستان جي انساني سرمائي کي بچائڻ آهي. ■



## سنڌ جي هڪ فخر جوڳي تاريخ

# خانبهادر حسن علي آفندي جا سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪيل ڪيم ۽ ڪارناما

(ڪتاب: ”خانبهادر حسن علي آفنديؒ: سوانح حيات“ تان ورتل. هن ڪتاب جي، مرزا قليچ بيگ جي لکيل ديباچي جي آخر ۾ ”حيدرآباد. سيپٽمبر 1924“ لکيل آهي. ان مان اندازو لڳائجي ته حسن علي آفندي صاحب جن جي لاڏاڻي کان 29 سال پوءِ هي ڇپيو آهي. حسن علي آفندي صاحب جن جي وفات 20 آگسٽ 1895 ع تي ٿي هئي. پر هن مضمون مان ظاهر ٿئي ٿو مرزا قليچ بيگ جن هي ڪتاب 1921 ع ۾ لکيو هوندو. جو سنڌ مدرسي جي سردار هائوس جي نهڻ بابت لکي ٿو ته، ’مرزا قليچ بيگ صاحب لکي ٿو ته.“ هاڻي اتڪل ٻه ورهيه ٿيندا ته مرحوم سردار صاحب جي نالي يادگار رکڻ لاءِ سندس دوستن چندو ڪيو. ان مان وري ٻي عمارت ’سردار هائوس‘ نالي سان جڙيل آهي.“ ته ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي ڪتاب مرزا قليچ بيگ صاحب 1921 ع ۾ ئي لکيو هوندو. جنهن جو مهاڳ 1924 ع ۾ لکي پوءِ شايع ڪرايو هوندو._ انور ابڙو)



مرزا قليچ بيگ

مدرسي جو هيٺيون احوال، سرڪاري ڪاغذن مان ورتل، پڙهندڙن جي پيش ڪجي ٿو.
”سنڌ مدرسو، خاص مسلمانن جي لاءِ هڪڙو هاءِ اسڪول آهي. انهيءَ جي هلائڻ ۽ نظرداريءَ لاءِ هڪڙو بورڊ مقرر آهي، جنهن جو پريزيڊنٽ ڪمشنر صاحب بهادر آهي، ۽ انهيءَ جا ميمبر، ’انجمن اسلام‘ ۽ سنڌ جي ميونسپالٽين ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جا مقرر ٿيل آهن. مدرسي تي ڪل خرچ 1_10_1,97,188 لک رپيا ٿيو هو. انهيءَ جو اڌ سرڪار ڏنو، ۽ اڌ مسلمانن، ميونسپالٽين ۽ لوڪل بورڊن جي چندن مان گڏ ڪيو ويو هو. انهيءَ ۾ ٻه وڏا هال يا صُفا، ۽ ٻتيهه ڪمرا آهن. انهن جي چوڌاري ورانڊا آهن، جي عاليشان پيلپاون ۽ ڪمانن تي بيٺل آهن. اُيرندي ڏي ٻه مسجدون آهن. هڪڙي شيعن جي لاءِ، ۽ ٻي سُنين جي لاءِ. عام شاگردن لاءِ بورڊنگ هائوس آهن، پر ٽالپرن جي ٻارن لاءِ هڪڙو خاص بورڊنگ هائوس آهي، جنهن کي ”ٽالپر هائوس“ چون ٿا، ۽ جو سن 1901 ع ۾ سرڪار جي خرچ تي جڙيو. سر مير فيض محمد خان، خيرپور جي واليءَ، اڌ خرچ ڏيڻ سان ٻيو بورڊنگ هائوس جوڙايو هو، جنهن کي ”خيرپور هائوس“ ٿا چون. جو سن 1910 ع ۾ جڙي تيار ٿيو. شاگردن جي رهڻ لاءِ هاسٽل آهي، جنهن کي ”حسن علي هاسٽل“ ٿا چون. جنهن جو بنيادي پهڻ سرجارج ڪلارڪ، بمبئي جي گورنر، 16 جنوري سن 1909 ع ۾ وڌو. انهيءَ ساڳئي ڪم لاءِ، سردار محمد يعقوب جي نالي پٺيان، هڪڙو ”سردار هائوس“ به آهي.
انگريزي شاخ ۾ قريب ساڍا ٽي سئو شاگرد آهن، جي گهڻو ڪري سڀ مسلمان آهن. ڪي ٿورا هندو ۽ يهودي به آهن. اٽڪل ڏيڍ سئو بورڊر آهن، جي اُتي رهن ٿا. مدرسي هلائڻ تي هر سال اٽڪل منو لک رپيا خرچ ٿين ٿا: چوڏهن_ پندرهن هزار پڙهائيءَ جي فيءَ مان پيدا ٿا ٿين، ۽ ٻارهن هزار رپيا خيرپور جو مير صاحب ساليانو گرانٽ ڏيندو آهي. ٽالپر شاگردن لاءِ سرڪار پاڻ به ڪجهه گرانٽ ڏيندي آهي. ٻيا فنڊ به مقرر آهن، جن مان خرچ جي مدد ملي ٿي: جيئن ته جيمس ميموريل فنڊ، مدرسه ايڊومنٽ فنڊ، جونير ٽالپر اينڊومينٽ فنڊ، ۽ ميونسپالٽين ۽ لوڪل بورڊن جا ساليانا چندا. مدرسي هيٺ 3404 يارڊ يا وال زمين جا آيل آهن، جا سرڪار ۽ ميونسپالٽيءَ مفت ڏني آهي.“



انهن ڏينهن ۾ هندو صاحبن جا مهندار مسٽر ڏيارام جيٺمل ۽ ٻيا ڪي هئا، جن سنڌ_ سڀا جاري ڪرائي هئي، جنهن جو پريزيڊنٽ پهرين مسٽر آتما رام پريتمداس هو ۽ جنهن جو مدعا پوليٽيڪل به هو. تنهنڪري انهيءَ ۾ عام مسلمان شامل ٿيڻ نٿي گهريو. تنهن کان سواءِ سرڪاري نوڪرين ۾ به مسلمان تڏهن اُتي ۾ لوڻ وانگي هئا. ۽ تعليم ۾ به هندن کان گهڻو پٺتي هئا، جنهنڪري هنن کي پنهنجا حق پوريءَ طرح ملي نٿي سگهيا. انهيءَ ڪري، ميان مرحوم ڪي مسلمانن جي طرفان گورنرن، ڪمشنرن ۽ ڪليڪٽرن وٽ وڃي دانهن ڪرڻ ۽ ائڊريسن ڏيڻ جو ضرور ٿي ٿيو. انهيءَ ڏار ڪوشش ڪرڻ ڪري، طرفين جي وچ ۾ البت مخالفت پيدا ٿي. پر ميان مرحوم تجويز وارو هو. ٻنهي طرفن سان اهڙي هلت ٿي ڪيائين ۽ اهڙو رس ٿي رکيائين جو پنهنجو ڪم به ٿي ڪڍيائين ۽ اجايو تڪرار به نٿي ڪيائين.

معلوم هجي ته اهو مدرسو ميان حسن علي مرحوم خاص مسلمانن جي ديني ۽ دنيوي تعليم لاءِ کولرايو، پر سندس انهيءَ ۽ ٻين قومي ڪمن ڪري جيڪا ملڪ ۾ مشهوري ٿي، تنهن تي نه فقط ڪن هندن کي، پر ڪن مسلمانن کي به حسد پيدا ٿيو. هندن کي هن ڪري، جو سرڪار مسلمانن سان خاص رعايتون ۽ مهربانيون ٿي ڪيون، جنهنڪري هو، زياده تعليم ۽ لياقت حاصل ڪري، ساڻن همسري ۽ سرڪاري نوڪرين وغيره ۾ شراڪت ڪرڻ جهڙا ٿي ٿيا، ۽ مسلمانن کي انهيءَ ڪري حسد ٿيو جو هڪڙو شخص، جو اڳي اهڙو مشهور نه هو، سو ٻين مسلمانن جي مدد سان اوچتو نالي وارو ٿي ويو، ۽ گهڻن قديم خانداني ماڻهن کان گوءِ کٽي ويو. انهيءَ حسد ڪي ڪن هندن به پڙڪايو، جي ميان مرحوم جي برخلاف هئا، چاڪاڻ ته هو ساڻن ”سنڌ_ سڀا“ يا سنڌ ڪاليج ۾ پهرين شامل ٿي پوءِ نڪري ويو، ۽ پنهنجن مسلمانن لاءِ خلاصو بندوبست ڪيائين، جنهنڪري سندس نالو نڪتو. اگرچ انهن لاءِ واجبي سبب هئا. جن جو مٿي ذڪر آيو آهي. اِهي پورڙا ۽ ڪوتاهه انديش مسلمان، ريس ڪان، اهڙا برخلاف ٿي بيٺا جو ”مدرسهءِ اسلام“ کي ”مدرسهءِ شياطين“ سڏڻ لڳا. بلڪ اهڙا لفظ ٻاهران پٽين تي لکي به چڏيائون. ڪن ته انهيءَ ڪوڙيءَ واريءَ زمين تي سول دعويٰ به ڪورٽ ۾ داخل ڪئي ۽ ميان مرحوم انهيءَ دعويٰ کي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. آخر جڏهن مدعي پوري اسٽامپ في نه ڀري سگهيا، تڏهن اُها دعويٰ خارج ڪئي وئي.

’انجمن اسلام‘ ۽ ’مدرسته الاسلام‘ جي پريزيڊنٽ هئڻ کان سواءِ ميان حسن علي مرحوم، سن 1881 ع ۾، ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ڪائونسلر به ٿيو ۽ سن 1891 ع ۾، سنڌ جي جاگيردارن ۽ زميندارن پاران چونڊجي بمبئي جي گورنر جي ڪائونسل جو ميمبر به ٿيو ۽ وفات ڪرڻ تائين ٻنهي هنڌين ڪائونسلر رهيو. مٿين ٻنهي عهدن جي عرصي ۾ هن کي تعريف جوڳا وڏا ڪم ڪيا، جن مان سنڌ جي ماڻهن کي عام طرح ۽ مسلمانن کي خاص طرح گهڻا فائدا پهتا. اگرچ مدرسي وانگي انهن ڪمن ۾ به البت مخالفت کي سامهون ٿيڻو پيس، پر هو پڪي ارادي وارو ماڻهو هو، ۽ سندس نيت چڱي هئي، سو اهڙين روڪن کان ڊڄڻ وارو ۽ مُڙڻ وارو نه هو. ڪمشنر صاحب سر ايوان جيمس ۽ ٻيا سرڪاري آفيسر به سندس مددگار هئا، تنهنڪري پڇاڙيءَ تائين هو فتحياب ٿيندو آيو. انهن ڏينهن ۾ هندو صاحبن جا مهندار مسٽر ڏيارام جيٺمل ۽ ٻيا ڪي هئا، جن سنڌ_ سڀا جاري ڪرائي هئي، جنهن جو پريزيڊنٽ پهرين مسٽر آتما رام پريتمداس هو ۽ جنهن جو مدعا پوليٽيڪل به هو، تنهنڪري انهيءَ ۾ عام مسلمان شامل ٿيڻ نٿي گهريو. تنهن کان سواءِ سرڪاري نوڪرين ۾ به مسلمان تڏهن اَٽي ۾ لوڻ وانگي هئا، ۽ تعليم ۾ به هندن کان گهڻو پٺتي هئا، جنهنڪري هنن کي پنهنجا حق پوريءَ طرح ملي نٿي سگهيا. انهيءَ ڪري، ميان مرحوم کي مسلمانن جي طرفان گورنرن، ڪمشنرن ۽ ڪليڪٽرن وٽ وڃي دانهن ڪرڻ ۽ ائڊريسن ڏيڻ جو ضرور ٿي ٿيو. انهيءَ ڏار ڪوشش ڪرڻ ڪري، طرفين جي وچ ۾ البت مخالفت پيدا ٿي. پر ميان مرحوم تجويز وارو هو. ٻنهي طرفن سان اهڙي هلت ٿي ڪيائين ۽ اهڙو رس ٿي رکيائين جو پنهنجو ڪم به ٿي ڪڍيائين ۽ اجايو تڪرار به نٿي ڪيائين.

اهڙي سختيءَ، مخالفت ۽ مشڪلاتن جي حالت ۾، ’انجمن اسلاميہ‘ جو پريزيڊنٽ ٿي ۽ ميونسپالٽيءَ ۽ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ٿي، ميان مرحوم هيٺيان وڏا ڪم ڪيا: ملير تان پاڻي آڻڻ، شهر جي ڪِني پاڻيءَ جي نيڪال ڪرڻ، ۽ مسلمانن جي مردانن ۽ زنانن اسڪولن جاري ڪرڻ ۾ خاص طرح دل و جان سان ڪوشش ڪيائين. پهريان ٻئي ڪم سندس حياتيءَ ۾ پورا ٿي ويا ۽ ڪي زنانا مڪتب يا اسڪول به جاري ٿيا، جي اڳي اصل ڪين هئا. خود ميونسپالٽيءَ ۾ به زياده مسلمانن هئڻ جي لاءِ هن نهايت گهڻي ڪوشش ڪئي، جنهن جو نيٺ نتيجو چڱو نڪتو. بمبئي ڪائونسل ۾ هن انڪمبرڊ اسٽيٽس ايڪٽ، توڙي ”ڊريڪن ائگريڪلچرل ايڪٽ“ سنڌ سان لاڳو ڪرڻ لاءِ گهڻوئي پاڻ پتوڙيو. نيٺ اُهي جاري ٿيا، ۽ اڃا تائين سنڌ جي مسلمان زميندارن کي انهن مان فائدو پهچندو اچي. انهيءَ کان سواءِ ’وقف علي الاولاد‘ جي نسبت ۾ هو مسٽر رحمت الله سياني، بمبئي جي مشهور ساليسٽر، ۽ سيد امير علي ڪلڪتي واري مشهور بئريسٽر ۽ جج سان لکپڙهه ڪرڻ لڳو. آخر ڪلڪتي ۾ اهڙو وقف هڪ شخص ڪيو، ۽ سندس وفات بعد تڪرار ٿيو. وقف بحال ڪيو ويو، پر ان فيصلي تي گهڻو اعتراض ٿيو. جسٽس امير عليءَ انهيءَ جي فائدي ۾ راءِ ڏني ۽ قرآن ۽ حديث جا حڪم ڏيکاريائين، پر ٻين ججن انهيءَ جي برخلاف راءِ ڏني. ميان حسن علي مرحوم، سيد امير عليءَ سان شامل هو. پنجاب ۽ اتر وارن پرڳڻن ۾، اخبارن منجهه ۽ ٻيءَ طرح پڪار هلي. آخر اهو ”وقف علي الاولاد“ وارو ايڪٽ، سال 1913 ع ۾ هندستان جي سرڪار پاس ڪيو، جو جاري آهي.

مٿي جن وڏن ڪمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ڪيترائي ٻيا جن جو ذڪر نه ڪيو ويو آهي، تن ميان حسن علي مرحوم کي ساريءَ سنڌ ۾ مشهور ۽ هر دلعزيز ڪيو، ۽ سرڪار وٽ به سندس زياده عزت ۽ سرفرازي ٿي. انهيءَ حُسن خدمتيءَ جي ڪري، 1888 ع ۾، سرڪار کيس ’خانبهادر“ جو لقب ڏنو.‘

وري جڏهن ترڪي ۽ رشيا جي جنگ لڳي، تڏهن ترڪن جي زخمي سپاهين جي مدد لاءِ ميان صاحب سنڌ ۾ چندو گڏ ڪري، وقت بوقت، سرڪار جي معرفت، اوڏي روانو پئي ڪيو. انهيءَ سندس مسلمانن جي همدرديءَ ڪري، سن 1889 ع ۾، هو ترڪي سلطان جي پاران، ڪراچيءَ ۾، ملڪ معظمہ وڪٽوريا جي خاص حڪم سان، ڪانسل يا سفير مقرر ٿيو. انهيءَ جي ٻئي سال ۾ ترڪيءَ جي سلطان هن کي ”مجيديءَ“ جو تمغو يا ٻِلو عطا ڪيو، ۽ کيس ”آفندي“ جو خطاب مليو. انهن لقبن ملڻ وقت، خواهه ٻين موقعن تي، ميان مرحوم کي سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ائڊريسون يا مرحباناما مليا، جن ۾ ماڻهن سندس گهڻي تعريف ڪئي، ۽ سندس احسانمندي ۽ شڪرگذاري ادا ڪئي. اهڙي هڪ ائڊريس ۽ اُن سان گڏ مليل هڪڙي عمدي بندوق موجود آهي، جنهن تي سنڌيءَ ۾ سونن اکرن سان هيٺن لکيل آهي: ”مسلمانن حيدرآباد جو هديو، خانبهادر حسن علي افنديءَ لاءِ“. ■

## اياز گُل جي شاعري ۽ شخصيت بابت مختلف اديبن جا ويچارَ _ 2

# ’اياز گل اسان جي ٺهيءَ جو سرواڻ شاعر آهي‘ - مختيار ملڪ

امر اقبال



اياز گل صاحب جي جيڪا شاعراڻي ٺهي آهي، ان مان جيڪي به چمڪندڙ ستارا، سنڌي شاعريءَ جي اپ تي چمڪي رهيا آهن، انهن مان هڪڙو ستارو محترم مختيار ملڪ صاحب به آهي، جنهن جو ٻالڪ وهيءَ کان وٺي اياز گل صاحب سان ذاتي توڙي ادبي ساٿ ر ۽ سفر رهيو آهي. مختيار ملڪ صاحب اياز گل صاحب جي شعري سفر جي حوالي سان ۽ دوستيءَ جي سفر جي حوالي سان پنهنجا ويچار هن طرح ونديا:

## مختيار ملڪ

ريڊيو پاڪستان پنهنجي اڳوٽي روايت کي برقرار رکندي، دير سان ئي، پر هن سٺي سرگرميءَ جو آغاز ڪيو آهي، جنهن ۾ اڄ موجود دور جو نالي وارو شاعر، اديب، محقق ۽ سفرنامہ نگار اياز گل اسان سان ريڊيو پاڪستان خيرپور جي اسٽوڊيو ۾ موجود آهي ۽ هن سان هيءَ رهاڻ رچائي وئي آهي. ريڊيو جي روايتن ۾ مڃتا ڏيڻ ۽ انهن کي پنهنجي ٻڌندڙن تائين پهچائڻ هڪ اهم فرض ليکيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ مان پاڻ براڊ ڪاسٽر رهيو آهيان. ان ڳالهہ جي اهميت کي وڌيڪ محسوس ڪري سگهان ٿو، تہ جيڪي اسان جي ڌرتيءَ جو، اسان جي ٻوليءَ جو اثاثو آهن، مختلف وقتن تي، جيڪڏهن اسين انهن جي مانَ ۽ مرتبي موجب رهاڻيون رکنداسين تہ اهو هڪ سٺو سنوڻ ثابت ٿيندو.

اياز گل ڪو اڻ ڄاتل يا عام شخص نہ آهي. سندس سڃاڻپ عام ضرور آهي. ريڊيو تي مختلف پروگرامن ۾ حصو بہ وٺندو رهيو آهي. ادبي پروگرام ۾ خاص طرح سان، دنيا جي نوبيل انعام يافتہ اديبن بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ جو سلسلو ادبي پروگرام ۾ رهيو تہ، اياز گل صاحب ان سلسلي ۾ مستقل طور تي اسان سان گڏ رهيو. هنن ئي اسٽوڊيوز ۾..... نہ صرف اهو، پر ان کان سواءِ مشاعرن ۽ ٻين تقريبن جو بہ حصو رهيو. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ ان وقت بہ سندس ادبي حيثيت (چاهي اها ويهہ پنجويهہ سال پراڻي ڳالهہ هجي) ساڳي هئي. فرق صرف اهو آهي تہ سندس ڪم ۾ واڌارو آيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اياز پنهنجي پهرين ئي مجموعي سان (جيڪو تاج جويي سان گڏ شايع ٿيو هيو "سوچون سرها گل") پنهنجي قد جو تعين ڪري چڪو هيو. سندس شاعري پنهنجو مانُ ۽ مرتبو مڃائي چڪي هئي.

توهان ڏسندؤ تہ شيخ اياز "ڪپر ٿو ڪن ڪري" کان اڳ واري شاعريءَ جو سندس جيڪو حصو آهي، ان ڏِهِ هن پنهنجي پوري مڃتا ماڻي هئي.... ۽ ان کان پوءِ واري شاعري، جيڪا "لڙيو سج لُڪن ۾" کان پوءِ شروع ٿئي ٿي... شيخ اياز مرتبي جي لحاظ کان ان ئي سطح تي موجود آهي، پر هن جي ڪم ۾ اڳڀرائي پهرين حصي کان بہ وڌيڪ ٿي آهي.

اياز گل پنهنجي ڊڪشن، پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي فڪر ۽ نظر سان پهرين ئي مرحلي ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ، هي اهوئي شاعر آهي، جيڪو اڳتي هلي وڌيڪ مڃتا ماڻيندو. مڃتائن جي، يا صلي جي، شاعرن کي ضرورت هوندي ڪونهي، پر اها هڪ ساهمي آهي، هڪ تورَ آهي. تور توهان اڳ ڪيو، يا پوءِ ڪيو، جيئري ڪيو يا مُئي ڪيو، پر شاعر پنهنجي فڪر سان سماج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو. هن وٽ فني صلاحيت آهي. هن وٽ سوچ، فڪر ۽ نظريو هوندو آهي، اهوئي ڪارائتو هوندو آهي.

اياز گل جي شاعريءَ جي حوالي سان خاص طور تي ڳالهائڻ چاهيندس تہ، اها تمام سادي، پُرڪشش ۽ معنيٰ خيز آهي. سندس شعرن ۾ عام ماڻهوءَ تائين پهچڻ جي ۽ عام ماڻهوءُ جي زبان ۾ ادائگي ڪرڻ جي خصوصيت موجود آهي.

اياز گل پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪا سوچ يا جيڪو مواد ڏيندو رهيو آهي، اهو ظاهر آهي تہ سندس وسيع مطالعي يا زندگيءَ جي تجربن جو نچوڙ آهي. اياز گل ڪيترائي ڪتاب ڏنا آهن. سندس تمام ٿورو مواد، شاعريءَ جو ڳايو ويو آهي، پر مان ذميواريءَ سان چئي سگهان ٿو تہ اياز گل جي سموري شاعري ڳائڻ جوڳي آهي.


مختيار ملڪ (تصوير سنڌي لينگئيج اٿارٽي جي ٿورن سان)

شاعريءَ جون خوبيون جيڪڏهن تلاش ڪيون وينديون، جيڪي ماپا مقرر ٿيل آهن، انهن ماپن تي اسان اياز گل کي پرکڻ جي ڪوشش ڪنداسي تہ، انهن سڀني خوبين کي اسان اياز گل ۾ جهجهي انداز ۾ محسوس ڪري سگهون ٿا ۽ ڏسي سگهون ٿا. هتي اياز گل جا شعر پڙهڻ ورجاءُ ٿيندو، مان لکي بہ ڪٺي آيو هيس، پر مان سمجهان ٿو تہ مان هتي اياز گل جي شاعريءَ تي وسيع پس منظر ۾ ڳالهايان، ڇاڪاڻ تہ اهي ڇپجڻ جون شيون آهن، انهن کي ڇپائي ڇڏبو.

> اياز گل جيئن تہ اسان جي ٺهيءَ جو شاعر آهي. مون پنهنجي هڪڙي مقالي ۾ (مان سمجهان ٿو تہ اهو ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصي کان اڳ لکيو هيم) لکيو هيو تہ، "اسان جي ٺهيءَ جو سرواڻ شاعر." سرواڻي اسان اياز گل کي هروپرو ڪو نہ ڏني آهي. اها سندس فڪري ڪوشش جو نتيجو آهي. جيڪي دوست گڏ هلندا آهن، تہ انهن ۾ اهو احساس ٿيندو آهي تہ هن سفر ۾ وڌيڪ هلڻ جي سگهہ ڪنهن وٽ آهي... ۽ ماحول جيڪوان کي سفر ۾ ملڻو آهي، اسان جي ٺهيءَ ۾ اياز گل کي اهو ماحول سندس سموري زندگيءَ ۾ ميسر ٿيو، جنهن کي انگريزيءَ ۾ persistencyچوندا آهن، لاڳيتو لکڻ وارو اتساهہ جيڪو هيو، اهو وٽس ننڍپڻ کان ئي وٺي رهيو ۽ هو لاڳيتو لکندو رهيو.

اياز گل جيئن تہ اسان جي ٺهيءَ جو شاعر آهي. مون پنهنجي هڪڙي مقالي ۾ (مان سمجهان ٿو تہ اهو ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصي کان اڳ لکيو هيم) لکيو هيو تہ، "اسان جي ٺهيءَ جو سرواڻ شاعر." سرواڻي اسان اياز گل کي هروپرو ڪو نہ ڏني آهي. اها سندس فڪري ڪوشش جو نتيجو آهي. جيڪي دوست گڏ هلندا آهن، تہ انهن ۾ اهو احساس ٿيندو آهي تہ هن سفر ۾ وڌيڪ هلڻ جي سگهہ ڪنهن وٽ آهي... ۽ ماحول جيڪوان کي سفر ۾ ملڻو آهي، اسان جي ٺهيءَ ۾ اياز گل کي اهو ماحول سندس سموري زندگيءَ ۾ ميسر ٿيو، جنهن کي انگريزيءَ ۾ persistencyچوندا آهن، لاڳيتو لکڻ وارو اتساهہ جيڪو هيو، اهو وٽس ننڍپڻ کان ئي وٺي رهيو ۽ هو لاڳيتو لکندو رهيو. اسان سڀ ٻاراڻي شاعريءَ کان لکڻ جو آغاز ڪري چڪا هئاسين.

مان هڪ دلچسپ ڳالهہ ڪندس تہ اياز گل جيڪو رسالو ڪڍيو "پارس،" ان جا ٽي پرچا شايع ٿيا، ان ۾ هن منهنجو هڪ غزل ڇاپيو، جيڪو رومانوي غزل هيو. اهو غزل مان اڄ بہ پڙهندو آهيان... ان وقت اسان رومانويت جي حس کان بي خبر هياسين. مان اها ڳالهہ ان ڪري ڪيان ٿو تہ اياز گل ان وقت بہ ڪيڏو Established آهي، جيڪو رسالو ايڊٽ ڪري ٿو ۽ منهنجو پهريون عشقيہ غزل ان رسالي ۾ ڇپجي ٿو. جڏهن اسان کي اها خبرئي نہ هوندي هئي تہ "عشق" ٿيندو ڇا آهي؟ اسان جو عشق جيڪو هيو، اهو "ادب" هيو ۽ "فڪر" هيو، جنهن کي ڏٺوسين، ٻڌوسين، پڙهيوسين ۽ ڳوليوسين... بقول تنوير عباسيءَ جي تہ شاعر ٻي ڪا ڳالهہ نہ ڪندو، جيڪو ڏسندو، اهوئي لکندو... سو اياز گل جيڪو ڏٺو، پَسيو ۽ پنهنجي ذهن جي تجربي گاهہ ۾ انهن سمورين ماجرائن کي پرکيو، ان کان پوءِ لکيو.

مان اياز گل کي ان جي شايان شان پيٽا تہ نہ ڏئي سگهيو آهيان، پر سمجهان ٿو تہ اياز گل جي شاعريءَ تي گهڻو ڪجهہ ڳالهائڻ ۽ لکڻ گهرجي، جو تہ هن لکيو تمام گهڻو آهي، پر هن تي لکيو تمام گهٽ ويو آهي..."

مختيار ملڪ صاحب جي گفتگو ڪانپوءِ مون ميزبان جي حيثيت ۾ چيو تہ، يقينن اياز گل اسان جو، سنڌ جو اهو سياڻو شاعر آهي، جيڪو عام جي دلين ۾ بہ وسي ٿو، ۽ جيڪي شاعريءَ جا پارکو آهن، نقاد آهن، انهن وٽان بہ هن مڃتا حاصل ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو تہ محمد ابراهيم جويي صاحب کان، شيخ اياز صاحب کان ۽ تنوير عباسي صاحب کان وٺي هن دور جي نقادن، اياز گل جي شاعريءَ تي لکيو بہ آهي، ان کي پرکيو بہ آهي، پر مختيار ملڪ صاحب جي لفظن ۾ ان تي اڃان بہ وڌيڪ لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي ضرورت آهي. اياز گل صاحب جي هڪ غزل جا ڪجهہ شعر پڙهندس. اياز گل چيو آهي تہ:

"يادگيريون سنڀال ڪم ايندءِ!
ڪنهن وڇوڙي جي سال ڪم ايندءِ!

راهہ اوندهہ اڳيان حياتيءَ جي
پيار ڏيئي مثال ڪم ايندءِ.

مان نہ هوندس جڏهن، تڏهن ڏسجان
جڳ! منهنجو مثال ڪم ايندءِ!" ■


تصوير ڪي ٽي اين جي ٿورن سان

International Day of Clean Air for Blue Skies

سڀاڻي، 7 سيپٽمبر تي ”نيري آسمان لاءِ صاف هوا“ جو عالمي ڏينهن آهي

# هوائي گدلاڻ ڪي ڪنهن به ملڪ جون سرحدون نٿيون روڪين: سڀ ملڪ گڏجي ان کي روڪين

وسيع الدين جوڻيجو

هوائي گدلاڻ متعلق عوام کي آگاهي ڏيڻ لاءِ هر سال 7 سيپٽمبر تي گڏيل قومن طرفان ”نيري آسمان لاءِ صاف هوا“ جي عنوان هيٺ عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي 2019ع ۾ 7 سيپٽمبر کي ”نيري آسمان لاءِ صاف هوا“ جو عالمي ڏينهن قرار ڏنو هو، ۽ اهو پهريون عالمي ڏينهن 2020ع ۾ ملهايو ويو هو.

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي ٺهراءَ ۾ هر سطح تي عوامي آگاهي وڌائڻ، توڙي هوا جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ ورتل قدمن کي هٿي ڏيڻ ۽ انهن جي سهولت فراهم ڪرڻ جي اهميت ۽ تڪڙي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي.

هوائي گدلاڻ جي حوالي سان پاڪستان جو شمار پڻ دنيا جي وڌيل هوائي گدلاڻ وارن ملڪن ۾ ٿئي ٿو. الجزيره جي ويبسائيٽ مطابق هڪ رپورٽ موجب، 2025ع ۾ پاڪستان دنيا جو سڀ کان وڌيڪ دونهين وارو ملڪ رهيو، جتي 2.5 مائيڪروميٽر جي پيمائش طور سڃاتل نقصانڪار انتهائي ننڍڙن ذرڙن جو مقدار عالمي صحت واري تنظيم طرفان تجويز ڪيل سطح کان 13 ڀيرا وڌيڪ هيو. هوا جي معيار جي نگراني ڪندڙ سوئس ڪمپني ”آءِ ڪيو ايئر“ پنهنجي ساليانو رپورٽ ۾ چيو آهي ته سال 2025 ۾ صرف 13 ملڪن ۽ علائقن پنهنجي هوا ۾ موجود انتهائي ننڍڙن ذرڙن کي عالمي صحت واري اداري جي مقرر ڪيل حد هيٺ رکڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، جڏهن ته 2024 ۾ اهڙن ملڪن جو انگ 7 هيو. آئي ڪيو ايئر دنيا جي 143 ملڪن جي 9446 شهرن ۽ علائقن مان هوائي گدلاڻ متعلق جيڪا ڏيٽا گڏ ڪئي، ان مطابق 130 ملڪ عالمي صحت واري اداري طرفان مقرر ڪيل معيار تي پورو لهڻ ۾ ناڪام رهيا. رپورٽ مان اهو پڻ معلوم ٿيو ته دنيا جا سڀ کان وڌيڪ گدلا 25 شهر چين، هندستان ۽ پاڪستان ۾ هئا.

هوا جي گدلاڻ ڊگهي عرصي کان انساني موت ۽ بيمارين جو سبب بڻجندي رهي آهي، جنهن سان معاشي معاملن ۽ سماجي ڀلائيءَ کي پڻ

جيئن ته هوا جون ڪي به سرحدون ناهن هونديون، تنهن ڪري هر ملڪ کي گدلاڻ کان پاڪ رکڻ رڳو ان ملڪ جي ذميواري نه آهي، پر ان ڪم لاءِ هر ملڪ کي انفرادي ۽ اجتماعي طور ڪوششون وٺڻيون پونديون. هر ملڪ ۾ هر ذي شعور شهريءَ کي حڪومت سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪرڻو پوندو. حڪومت کي ان ڏس ۾ قانونسازي ڪري ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ سخت قدم وٺڻا پوندا.



نقصان پهچي ٿو. هوا جي گدلاڻ جا ڪيترائي ذريعا، جهڙوڪ فاسل فيول ۽ بايوماس کي ساڙڻ، گرين هائوس گئسن جي اخراج ۾ اضافي جو سبب بڻجن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ اسان جي ڌرتي گرم ٿي رهي آهي.

هوا جي گدلاڻ موسمياتي تبديليءَ جي اثرن وانگر هر جاندار کي متاثر ڪري ٿي، پر ان جا اثر خاص طور تي ڀورهارين عورتن، ننڍڙن ٻارن، بزرگن، غربت ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ تاريخي طور تي پٺتي پيل برادرين تي وڌيڪ پون ٿا. انهن چئلينجز جي شدت ۽ تڪڙي نوعيت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هوا جي گدلاڻ خلاف قدم کڻڻ جي معاشي دليلن متعلق ماضيءَ ۾ به ذڪر ٿيندو رهيو آهي، پر ان شدت ۽ زور سان نه، جيترو هن سال ”صاف هوا ۽ نيري آسمان لاءِ عالمي ڏينهن“ جي موقعي تي ڏسڻ ۾ ايندو.

جيئن ته هوا جي گدلاڻ ۽ موسمياتي تبديلي ماڻهن، معيشتن ۽ ڌرتيءَ لاءِ خطرو بڻيل آهن، تنهنڪري هن سال جو ”صاف هوا جو ڏينهن“ اهڙن قدمن کڻڻ جو مطالبو ڪري ٿو، جن جي نتيجي ۾ صاف هوا، صحتمند زندگيون ۽ گڏيل معاشي خوشحالي حاصل ٿي سگهي. هن سال جي اها سرگرمي ان واضح معاشي دليل کي پڻ اجاگر ڪري ٿي ته صحتمند آبادي ۽ معاشي خوشحاليءَ جي حمايت ۾ صاف هوا بابت گڏيل قدمن جي ضرورت آهي.

هوائي گدلاڻ کي گهٽائڻ ۽ موسمياتي تبديلي کي گهٽائڻ جي گڏيل فائدن ۾ سائنسي ثبوت ۽ پاليسي دلچسپي وڌي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته هوائي گدلاڻ جا ڪيترائي ذريعا موسمياتي تبديلي جي محرڪن سان سڌو سنئون ڳانڍاپو رکن ٿا.

جيئن ته هوا جون ڪي به سرحدون ناهن هونديون، تنهن ڪري هر ملڪ کي گدلاڻ کان پاڪ رکڻ رڳو ان ملڪ جي ذميواري نه آهي، پر ان ڪم لاءِ هر ملڪ کي انفرادي ۽ اجتماعي طور ڪوششون وٺڻيون پونديون. هر ملڪ ۾ هر ذي شعور شهريءَ کي حڪومت سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪرڻو پوندو. حڪومت کي ان ڏس ۾ قانونسازي ڪري ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ سخت قدم وٺڻا پوندا، جن ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ تي ضابطو، صنعتن مان خارج ٿيندڙ زهريلين گيسن ۽ پاڻياٺي فضلي کي صاف ڪرڻ جو انتظام ، عوام لاءِ بهترين پبلڪ ٽرانسپورٽ جون سهولتون، ٻيلن جي واڍيءَ تي ڪنٽرول، صاف توانائيءَ جو حصول ۽ اسڪولن ۾ بنيادي سطح کان ماحول بابت آگاهي شامل آهن.

شهرين کي پڻ ان ڏس ۾ ڪافي ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، جن ۾ توانائيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ استعمال، وڻن ۽ ٻوٽن جي پوکي، ويجهن مفاصلن تي وڃڻ لاءِ پنڌ يا پبلڪ ٽرانسپورٽ جو استعمال ۽ گهرياتين کي ماحول بابت آگاهي ڏيڻ شامل آهي. ■



گڏيل قومن جي ٿورن سان

# جوان پُٽ جو وڇوڙو: ٽُٽي پيل پيءُ جو درد

شاڪر سولنگي



منهنجو شيراز، منهنجي اکين جو اهو خواب، جيڪو اوچتو ٽُٽي ويو. ڪجهه ڏک اهڙا هوندا آهن، جن کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ئي ناهن هوندا. ۽ جيڪڏهن لفظ هجن به ته زبان ساٿ نه ڏيندي آهي. اِئين ڪجهه وڇوڙا اهڙا هوندا آهن، جن کان پوءِ انسان جيئرو ته رهندو آهي، پر زند لاش وانگر. سندس زندگي اڳ جهڙي نه رهندي آهي. منهنجي شيراز کي مون کان وڇڙئي اڄ ايڪٽيهه ڏينهن ٿي ويا آهن، پر اڄ به دل اهو مڃڻ لاءِ تيار ناهي ته هو مون کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو آهي.

اڄ به دل چوي ٿي ته شايد اهو سڀ، ڪو خواب آهي. شايد ڪنهن گهڙيءَ دروازو کلي، ۽ منهنجو شيراز اندر اچي، مون کي آواز ڏئي ۽ مان هميشه وانگر هن ڏانهن نهاري چوان: "اڄ پٽ، ڪٿان آئين؟" پر پوءِ حقيقت منهنجي سامهون اچي بيهي رهي ٿي. "شيراز هاڻي ناهي رهيو.." اهي ٽي لفظ لکڻ به منهنجي لاءِ ڪنهن قيامت کان گهٽ ناهن.

منهنجو وڏو پٽ، منهنجو شيراز شاڪر سولنگي، چين جي سچوان يونيورسٽي مان گريجوئيشن مڪمل ڪري 24 جولاءِ 2026 تي اسلام آباد واپس آيو هو. هو پنهنجي ڊگريءَ سان گڏ ڪيترا خواب به کڻي آيو هو. پنهنجي زندگيءَ جي نئين شروعات ڪرڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳو هو.



۽ مان؟ مان پنهنجي پٽ جي مستقبل جا خواب اکين ۾ سجائي ويٺو هوس. هڪ پيءُ لاءِ ان کان وڏي خوشي ٻي ڪهڙي هوندي ته جنهن ٻار کي هن پنهنجي اکين اڳيان پاليو هجي، پڙهايو هجي، وڏو ڪيو هجي، جنهن جي تعليم لاءِ پنهنجي زندگيءَ جي ڪمائي ۽ جواني لڳائي هجي، اهو هڪ ڏينهن ڪاميابي حاصل ڪري گهر واپس ايندو.. مون سوچيو هو ته، هاڻي شيراز جي زندگيءَ جي ايندڙ سفر جون تياريون ٿينديون. هاڻي سندس شاديءَ جون تياريون ڪندس. گهر ۾ خوشيون اينديون. شيراز گهوٽ بڻجندو. سندس ماءُ پنهنجي پٽ کي گهوٽ بڻيل ڏسندي. ۽ مان هڪ پيءُ جي حيثيت سان پنهنجي پٽ کي زندگيءَ جي نئين سفر ڏانهن روانو ٿيندي ڏسندس. پر مون کي ڪهڙي خبر هئي ته چين مان واپس اچڻ کان صرف ڏهه ڏينهن پوءِ منهنجو پٽ مون کي اهڙو وڇوڙو ڏئي ويندو، جنهن جو ڪو علاج ناهي.

هڪ پيءُ پنهنجي پٽ کي پنهنجي اکين اڳيان جوان ٿيندي ڏسي ٿو، سندس ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين جا سڀ منظر پنهنجي دل ۾ محفوظ ڪري ٿو، سندس هر ڪاميابيءَ تي فخر ڪري ٿو ۽ سندس مستقبل جا خواب ڏسي ٿو، پر مون پنهنجي پٽ جو مستقبل نه ڏٺو. مون سندس آخري سفر ڏٺو.

ماڻهو چون ٿا، وقت گذري ويندو. دنيا چوي ٿي، انسان صبر ڪري ويندو آهي. شايد انسان واقعي گهڻو ڪجهه برداشت ڪري وٺندو آهي، پر ڪو هڪ پيرو هڪ پيءُ جي دل کان پڇي ته: "پٽ جي وڃڻ کان پوءِ پيءُ جي اندر آخر ڇا بچندو آهي؟"

منهنجو وڏو پٽ، منهنجو شيراز شاڪر سولنگي، چين جي سچوان يونيورسٽي مان گريجوئيشن مڪمل ڪري 24 جولاءِ 2026 تي اسلام آباد واپس آيو هو. هو پنهنجي ڊگريءَ سان گڏ ڪيترا خواب به کڻي آيو هو. پنهنجي زندگيءَ جي نئين شروعات ڪرڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳو هو. ۽ مون سوچيو هو ته، هاڻي سندس شاديءَ جون تياريون ڪندس. گهر ۾ خوشيون اينديون. شيراز گهوٽ بڻجندو. سندس ماءُ پنهنجي پٽ کي گهوٽ بڻيل ڏسندي. ۽ مان هڪ پيءُ جي حيثيت سان پنهنجي پٽ کي زندگيءَ جي نئين سفر ڏانهن روانو ٿيندي ڏسندس، پر مون کي ڪهڙي خبر هئي ته چين مان واپس اچڻ کان صرف ڏهه ڏينهن پوءِ منهنجو پٽ مون کي اهڙو وڇوڙو ڏئي ويندو، جنهن جو ڪو علاج ناهي.

گذريل هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصي کان منهنجي گهر جو دروازو ماڻهن لاءِ کليل رهيو آهي. دوست آيا. مائٽ آيا. عزيز آيا. وڏيون وڏيون سياسي ۽ سماجي شخصيتون آيون. وڏا وڏا عالم سڳورا آيا. سڀ مون وٽ ويٺا. ڪنهن ڳلي لڳايو. ڪنهن هٿ پڪڙيو. ڪنهن دلاسو ڏنو. ڪنهن منهنجي شيراز لاءِ دعا ڪئي. ماڻهو دعا ڪندا آهن، مان آمين چوندو آهيان. ماڻهو تسلي ڏيندا آهن، مان ڪنڌ لوڏيندو آهيان.

ماڻهو چوندا آهن: "الله جي رضا." مان چوندو آهيان: "قبول آهي."

ماڻهو چوندا آهن: "الله پاڪ صبر ڏئي." مان چوندو آهيان: "آمين."

پر جڏهن سڀ ماڻهو هليا وڃن ٿا، گهر خاموش ٿي وڃي ٿو، تڏهن هڪ سوال اچي منهنجي سامهون بيهي رهي ٿو ته: "منهنجو شيراز ڪٿي آهي؟ سندس آواز ڪٿي آهي؟ سندس قدمن جي آهٽ ڪٿي آهي؟ اهو چهرو ڪٿي آهي، جنهن کي ڏسي مون کي لڳندو هو ته منهنجي دنيا آباد آهي؟"

مون ماڻهن جي سامهون پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شايد ڪيترن ماڻهن مون کي ڏسي سوچيو هوندو ته هي پيءُ ڪيترو مضبوط آهي. ڳوٺ ۾ پندرهن ڏينهن تائين پنهنجي جوان پٽ جون تعزيتون وصول ڪيون، پر ڏينهن جو ڪنهن مون کي هڪ ڳوڙهو به ڳاڙيندي نه ڏٺو. رات جو تنهائيءَ ۾ روئي دل جو بارُ لاهيندو آهيان.

اسلام آباد واپس اچڻ کان پوءِ به هزارين ماڻهن مان شايد ئي ڪنهن منهنجي اکين مان ڳوڙهو نڪرندي ڏٺو هجي. پر ڪين ڪهڙي خبر ته مان مضبوط ناهيان. مان صرف هڪ پيءُ آهيان، جيڪو پنهنجي گهروارن جي سامهون ٽُٽڻ کان ڊڄي ٿو. مون کي ڊپ لڳي ٿو ته جيڪڏهن مان ٽٽي پيس، ته شيراز جي ماءُ، سندس ڀائر، ڀينرون، چاچا، ماما، سئوٽ ۽ ٻيا سڀ عزيز ڪهڙي آسري تي پاڻ کي سنڀاليندا؟ ان ڪري مان پنهنجا ڳوڙها لڪائي ڇڏيان ٿو. ڏينهن جي وقت. ماڻهن جي سامهون. دوستن جي سامهون. پنهنجي خاندان جي سامهون. ۽ پوءِ رات اچي ٿي.

رات اهو وقت آهي، جڏهن انسان دنيا سان نه، پر پاڻ سان ملي ٿو. جڏهن سڀ سمهي پون ٿا، تڏهن شيراز جي ياد جاڳي ٿي. ڪڏهن سندس تصوير ڏسان ٿو. ڪڏهن سندس آواز ياد اچي ٿو. ڪڏهن سندس ڪا ڳالهه ياد اچي ٿي، ڪڏهن سندس کلڻ ياد اچي ٿو. ۽ ڪڏهن دل اهو مڃڻ کان ئي انڪار ڪري ٿي ته هو هليو ويو آهي.

مان سوچيان ٿو: جنهن پٽ چين جهڙي پري ملڪ ۾ رهي پنهنجي ڊگري مڪمل ڪئي، اهو ڪجهه ڏينهن اڳ ئي ته منهنجي سامهون هو.. پوءِ ايترو جلدي ڪٿي هليو ويو؟" ڪاش ڪو مون کي ٻڌائي سگهي ته هڪ پيءُ پنهنجي پٽ جي قبر اڳيان بيهي آخر ڇا چوي؟ ڇا اهو چوي ته: "پٽ، تنهنجي ڊگري مڪمل ٿي وئي، هاڻي گهر واپس اچ."

يا وري اهو چوي ته: "پٽ، تون گهر ته واپس اچي ويو هئين.. پر ايترو جلدي واپس ڇو هليو وئين؟"

هي اهو سوال آهي، جنهن جو شايد دنيا جي ڪنهن به پيءُ وٽ جواب ناهي. مون پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه ڪمايو آهي: نالو ڪمايو، عزت ڪمائي، دوست ٺاهيا ۽

زندگيءَ ۾ ماڻهو جيڪو ڪجهه انسان حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، ان لاءِ محنت ڪئي. پر اڄ محسوس ٿئي ٿو ته انسان دنيا جي سموري دولت پنهنجي قبضي ۾ ڪري وٺي، پوءِ به جيڪڏهن سندس هڪ پٽ ڪانئس ڪسجي وڃي ته اها سڄي دولت اوچتو بي معنيٰ ٿي وڃي ٿي.

منهنجو سڀ کان قيمتي سرمايو منهنجو شيراز هو. ۽ اهو سرمايو مون کان ڪسجي ويو. مان پنهنجي رب جي حضور بيهي پنهنجي پٽ لاءِ دعا گهران ٿو:

"يا الله! منهنجو شيراز تنهنجي امانت هو، تو مون کي ڏنو، مون ڪيس پنهنجي جان وانگر پاليو. مون سندس لاءِ خواب ڏٺا. هن جي تعليم لاءِ محنت ڪئي ۽ هن جي ڪاميابين تي فخر ڪيو. ۽ هاڻي.. توئي پنهنجي امانت واپس ورتي آهي.

يا الله! منهنجي پٽ کي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ جاءِ عطا ڪر. سندس قبر کي نور سان ڀري ڇڏجان. سندس هر خطا معاف ڪجان. سندس جواني، محنت، تعليم، خواب ۽ زندگيءَ کي سندس لاءِ صدقه جاريه بڻائي ڇڏجان.

يا الله! شيراز جي ماءُ کي صبر عطا ڪر. سندس ڀائرن ۽ ڀينرن کي صبر عطا ڪر. سندس چاچن، مامن، سئوٽن ۽ سيني عزيزن کي صبر عطا ڪر. هر ان دل کي صبر عطا ڪر، جنهن شيراز کي پنهنجو سمجهيو.

يا الله...

ان پيءُ کي به صبر عطا ڪر، جنهن پنهنجي پٽ کي دنيا مان رخصت ته ڪري ڇڏيو آهي، پر اڃا تائين پنهنجي دل مان ڪيس رخصت ڪري نه سگهيو آهي. ماڻهو شايد سمجهن ٿا ته ايڪٽيهه ڏينهن تمام گهڻا هوندا آهن. پر هڪ پيءُ لاءِ ايڪٽيهه ڏينهن ڇا هوندا آهن؟ صرف ايڪٽيهه اڀرندڙ سج. صرف ايڪٽيهه لهندڙ شامون. صرف ايڪٽيهه راتيون...۽ هر رات هڪ ئي حقيقت:

منهنجو پٽ اڄ به واپس نه آيو. شيراز منهنجي گهر مان هليو ويو آهي، پر منهنجي دل مان ناهي ويو. هو منهنجين دعائن ۾ آهي. منهنجين اکين ۾ آهي. منهنجين يادگيرين ۾ آهي.

منهنجي هر ان خوشيءَ ۾ آهي، جيڪا هاڻي اڌوري آهي. ۽ منهنجي هر ان خاموشيءَ ۾ آهي، جنهن جو سبب دنيا کي خبر ناهي. منهنجو شيراز هليو ويو آهي، پر منهنجي زندگيءَ مان نڪري نه سگهيو آهي. شايد پيءُ ۽ پٽ جو رشتوئي اهڙو هوندو آهي. پٽ دنيا مان هليو وڃي ٿو، پر پيءُ جي دل ۾ سندس عمر اتي ئي بيهي رهي ٿي، جتي هن ڪيس آخري ڀيرو ڏٺو هو.

منهنجي لاءِ شيراز اڄ به اهوئي آهي... منهنجو پٽ. منهنجو فخر. منهنجو خواب. منهنجي دل جو ٽڪرو. فرق صرف ايترو آهي ته اڳ مان ڪيس ڏسي دعا ڪندو هوس:

يا الله، منهنجي پٽ کي وڏي عمر، ڪامياب ۽ خوشحال زندگي عطا ڪر. هاڻي منهنجي دعا بدلجي وئي آهي:

يا الله، منهنجي پٽ کي پنهنجي جنت ۾ اهڙي زندگي عطا ڪر، جنهن ۾ ڪڏهن موت نه هجي، ڪڏهن جدائي نه هجي ۽ ڪڏهن ڪنهن ماءُ ۽ پيءُ کي پنهنجي پٽ لاءِ روئڻو نه پوي. مان رڳو اها دعا ڪندس:

يا الله، جڏهن آخرت ۾ مون کي پنهنجي شيراز سان ملائين، تڏهن هن ڀيري اسان جي وچ ۾ جدائي جو ڪو وقت نه رکجانءِ. ڇو ته هن دنيا ۾ منهنجي حصي ۾ سندس جدائي اچي چڪي آهي. هاڻي آخرت ۾ رڳو سندس ساٿ گهران ٿو.

آمين يا رب العالمين■





## ڪراچي پريس ڪلب ۽ سنڌ لينگئيج اٿارٽيءَ جو شاندار فيصلو

# سنڌي نہ ڳالهائي سگھندڙ صحافين کي سنڌي سيکارڻ وارو تاريخي عمل

انور ابڙو

نفرتن جي چوٽِ چڙهيل هِن دور ۾ ڪراچي پريس ڪلب ۽ سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ گڏجي، ڪراچي پريس ڪلب جي ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ ميمبرن يعني صحافين کي سنڌي ٻولي سيکارڻ جي لاءِ ڪلاسز شروع ڪيا آهن. ڪيڏو نہ بي انتها ساراهہ جوڳو فيصلو ۽ عمل آهي اهو!




سنڌ جي ٻن مستقبل برادرين ڪي هڪ باشعور حصو، جيڪو صحافين تي مشتمل آهي، اهو هِن عمل ذريعي هڪ وڏو هم آهنگيءَ جو پيغام ڏيئي رهيو آهي، ۽ انهن ويڇن کي رد ڪري رهيو آهي، جيڪي ٻوليءَ جي بنياد تي پيدا ڪيا ويا آهن.

اِتي ڏسو، اسان سنڌين کي ڪيرائين، اردو ٻولي نٿو سيکاري، اسين پاڻ، شوق سان اردو ٻولي سکي وجون ٿا. پر سنڌ ۾، خاص طور تي ان جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ رهندڙ اسان جا ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ ڀائر ۽ ڀينرون سنڌي ٻولي نٿا سکي سگھن. ائين ضرور آهي تہ انهن مان هڪ وڏو حصو سنڌي سمجهي ضرور ٿو، پر هُو ڳالهائي نٿا سگھن.

اسان ۽ اسان جا ٻار بہ، اردو انڪري آسانيءَ سان ڳالهائي وجون ٿا، جو اسان کي اُن کان ڪابہ نفرت ناهي. اها بہ اسان جي ئي ٻولي آهي، جنهن جو اندازو اوهان ان مان لڳايو تہ جڏهن اڄ کان 142 سال اڳ ۾، ڀهرين سيپٽمبر 1885ع تي ڪراچي شهر ۾ سنڌ مدرسو قائم ڪيو ويو هو تہ، ان وقت بہ انگريزي ٻوليءَ سان گڏ، سنڌي، اردو ۽ گجراتي ميڊيم ۾ تعليم ڏني ويندي هئي.

پر ان کان بہ اڳ سچل سرمست (1739ـ 1829)، جيڪو گوگل ميپ مطابق ڪراچي شهر کان 405 ڪلوميٽر پري، سنڌ جي هڪ ٻئي شهر ـ خيرپور پرسان ـ درازا شريف ۾ ٿو رهي، ۽ جنهن بابت مختلف محقق لکن ٿا، ان پنهنجي زندگيءَ ۾ سفر تمام گھٽ ڪيا هئا ۽ پنهنجي آستاني کان ڪو گهڻو پري بہ نہ ويو هو، جيئن پيٽائي سائين هر جاءِ ووڙي، گهمي ۽ ڏٺي. سو اڄ کان بہ صديون اڳ ۾ سچل سائين درازا شريف ۾ ويهي اردوءَ ۾ بہ شاعري ڪئي هئي. تنهن ڪري اسان جي وجود ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ کان نفرت جي سُتي ناهي پيل. سڀ ٻوليون اسان جون پنهنجيون آهن، پوءِ چاهي اها سنڌي هجي، سرائيڪي هجي، پنجابي هجي، گجراتي هجي، اردو هجي، بلوچي هجي، براهوي هجي، پشتو هجي، هندڪو هجي يا ڪي ٻيا لهجا هجن. ٻولين کان نفرت ڪبي آهي ڇا؟ ٻولين کان نفرت معنيٰ علم، تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ انسانيت سان نفرت، جا اسان ۾ ناهي. اسان تہ ڪوشش ڪندا آهيون تہ، جيتريون وڌيڪ ٻوليون اچن، اوترو پنهنجي ڄاڻ ۽ علم کي وڌايون.




تنهن ڪري ٻولين جي آغوش ۾ اچي، ان قوم جي عظيم تهذيب مان سڪون حاصل ڪريو. پيار ۽ پائيچاري جي هار ۾ پوئجي هڪٻئي جي وجود، حقن ۽ مسئلن کي پنهنجو سمجهو ۽ گڏجي هن ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن جي سک، سلامتي ۽ خوشحاليءَ جي لاءِ اڳتي وڌو.

سو ڪراچي پريس ڪلب جي صدر ۽ بهترين شاعر؛ فاضل جميلي صاحب، جاويد مهر صاحب، ڊاڪٽر قاسم راڄپر صاحب، منظور چانڊئي صاحب ۽ ٻين سيني ميمبرن جو، سنڌي ٻولي سکڻ ۽ سيکارڻ وارو فيصلو ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کي اسين تمام گھڻو ساراهيون ٿا ۽ چئون ٿا تہ اهو عمل هر قسم جي، نسلي ۽ لساني تقسيم جي خلاف پڙ هڪ فيصلو آهي. ■

ڪمپيوٽر تي ڪم ڪرڻ وقت صحيح طرح سان ڪرسيءَ تي نه ويهڻ ۽ هيندفريءَ جي مسلسل استعمال سان جيڪي مسئلا پيدا ٿين ٿا، تن بابت ماڻڪ ڪوريءَ جي هيءَ ڪهاڻيءَ پڙهجي.
20_20_20 اصول

# ٽيڪنالوجيءَ جي غلط استعمال سان ماڻڪ ڪوري مصيبت ۾ اچي ويو

سُڪار جاڪرو

ماڻڪ ڪوري هڪ اخبار سان واڳيل آهي. گذريل ڏيڍ ڏهاڪي کان ڪمپيوٽر استعمال ڪري رهيو آهي. هو هميشه ڪوشش ڪندو رهيو آهي ته ڪمپيوٽر تي ڪم ڪندي ويهڻ جو مناسب ۽ درست انداز اختيار ڪري، جنهن سبب کيس ڪمپيوٽر تي ڪم جي حوالي سان ڪا تڪليف نه ٿي.
پر پوين ڪجهه مهينن کان مضمونن لکڻ لاءِ ۽ آڊيو يا وڊيو مواد جي مانيٽرنگ ڪرڻ لاءِ هن هيندبُ فري جو غيرضروري ۽ مسلسل استعمال شروع ڪيو. ڪجهه ئي عرصي کان پوءِ کيس جسم ۾ اوچتو جهٽڪا لڳڻ جو مسئلو محسوس ٿيڻ لڳو.
ماڻڪ کي اڳ ئي چڪر اچڻ جي شڪايت رهي آهي، پر گذريل هفتي اڱاري ڏينهن ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ ڪندي اوچتو کيس هڪ زوردار جهٽڪو محسوس ٿيو. اهو جهٽڪو ايترو شديد هو، جو کيس هڪ لمحي لاءِ ائين لڳو ڄڻ زلزلو آيو هجي. ٿوري دير کان پوءِ کيس چڪر اچڻ سان گڏ ڪمزوري به محسوس ٿي، تنهن هوندي به هن ان ڳالهه کي سنجيدگيءَ سان نه ورتو.
هڪ ڏينهن جي وقفي کان پوءِ، ٻيهر ڪمپيوٽر تي ڪم دوران کيس ساڳيو جهٽڪو محسوس ٿيو ۽ هو وري اهڙي ئي ڪيفيت جو شڪار ٿيو. اصل ۾ تنهن وقت هو پنهنجي پائيٽيءَ کي ايم

> ٽيڪنالاجي اسان جي سهولت لاءِ آهي، پر جيڪڏهن ان جي استعمال جا اصول نه سکيا وڃن ته اها ئي سهولت اسان لاءِ عذاب بڻجي سگهي ٿي. هيندبُ فري جو محدود ۽ مناسب استعمال، ۽ ڪمپيوٽر تي ويهڻ جو درست انداز اختيار ڪرڻ سان ڪيترن ئي جسماني تڪليفن کان بچي سگهجي ٿو.

ايس وردِ ۾ خانا ۽ ڪالم ٺاهڻ سيکاري رهيو. تنهنڪري اُن به سندس ڪيفيت جو مشاهدو ڪيو. ان کان پوءِ سندن لاءِ معاملي کي نظرانداز ڪرڻ ڏکيو هو. تنهنڪري هو پنهنجي فيملي ڊاڪٽر وٽ ويو، جنهن کيس چڪرن لاءِ استعمال ٿيندڙ دوا کائڻ جو مشورو ڏنو. ماڻڪ دوا شروع ڪئي ۽ هڪ ڏينهن احتياط طور ڪمپيوٽر تي ڪم به نه ڪيو. پر ٻئي ڏينهن ٻيهر ڪمپيوٽر تي ڪم ڪندي کيس ساڳيو جهٽڪو محسوس ٿيو. ان کان پوءِ هو هڪ ٻئي سينيئر اي اين ٽي ڊاڪٽر وٽ ويو، جنهن پهريان ته سندس ڪن صاف ڪيا. دلچسپ ڳالهه اها هئي ته لڳ ڀڳ سال ڪن اڳ به ساڳئي ڊاڪٽر سندس ڪن چيڪ ڪري صاف هجڻ جي تصديق ڪئي هئي. ماڻڪ کي چڪر اچڻ جي تڪليف به گهٽي وقت کان هئي، پر هن پيري کيس محسوس ٿيو ته شايد گذريل ڇهن سَتن مهينن دوران هيندبُ فري جي وڌندڙ استعمال جو به ان مسئلي سان ڪو تعلق آهي.
اهو تجربو رڳو ماڻڪ جو ذاتي تجربو نه، پر جديد دور جي انهن عادتن ڏانهن به ڌيان ڇڪائي ٿو، جن کي اسان سهولت سمجهي استعمال ڪريون ٿا، پر انهن جو غلط ۽ بيجا استعمال صحت لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.
ٽيڪنالاجي اسان جي سهولت لاءِ آهي، پر جيڪڏهن ان جي استعمال جا اصول نه سکيا وڃن ته اها ئي سهولت اسان لاءِ عذاب بڻجي سگهي ٿي. هيندبُ فري جو محدود ۽ مناسب استعمال، ۽ ڪمپيوٽر تي ويهڻ جو درست انداز اختيار ڪرڻ سان ڪيترن ئي جسماني تڪليفن کان بچي سگهجي ٿو. صحت انسان لاءِ وڏي نعمت آهي، تنهن ڪري ضروري آهي ته جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو وٺندي پنهنجي صحت جو به خيال رکجي ۽ روزاني عادتن کي بهتر بڻائجي.
حقيقت اها آهي ته اڄ جي جديد ۽ ڊجيٽل دور ۾ ڪمپيوٽر، سمارٽ فون ۽ هيندبُ فري (ايئرفون/هيڊفون) اسان جي زندگيءَ جو اهم حصو بڻجي ويا آهن. آفيس جو ڪم هجي، آن لائين پڙهائي هجي يا وندر جو وکر، ماڻهو ڪيترائي ڪلاڪ انهن شين سان گذارين ٿا. پر انهن جو اجايو ۽ غلط استعمال صحت تي منفي اثر وجهي سگهي ٿو.
هيندبُ فري جو استعمال هاڻي رڳو فون تي ڳالهائڻ تائين محدود ناهي رهيو، پر ماڻهو ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين موسيقي ٻڌڻ، فلمون ڏسڻ ۽ گيمز کيڏڻ لاءِ به ان جو مسلسل استعمال ڪن ٿا. صحافين ۽ ٻين پيشي ور ماڻهن لاءِ ته ڪم جي نوعيت سبب هيندبُ فري جو استعمال ڪڏهن ڪڏهن ضروري به هوندو آهي، پر انهن لاءِ به اعتدال ۽ وقفو انتهائي اهم آهي. هيندبُ فري جي غلط ۽ اجائي استعمال سبب هيٺيان نقصان ٿي سگهن ٿا:

**ٻڌڻ جي سگهه متاثر ٿيڻ:**
جڏهن هيندبُ فري تي آواز تمام گهڻو تيز رکيو وڃي ۽ ڊگهي وقت تائين مسلسل ٻڌو وڃي، ته ڪنن جي اندر موجود نازڪ حصن کي نقصان پهچي سگهي ٿو. ان جي نتيجي ۾ ٻڌڻ جي سگهه گهٽجڻ جو خطرو وڌي سگهي ٿو.

**ڪنن ۾ انفيڪشن:**
ڪنن ۾ ڊگهي وقت تائين ايئرفون لڳل رهڻ سان هوا جي اچ وڃ گهٽجي سگهي ٿي ۽ نمي پيدا ٿيڻ سبب جراثيم جي واڌ لاءِ سازگار ماحول پيدا ٿي سگهي ٿو. نتيجي ۾ ڪنن ۾ خارش، سور يا انفيڪشن جو مسئلو ٿي سگهي ٿو.

**مٿي جو سور ۽ تڪليف:**
هيندبُ فري جي ڊگهي استعمال، خاص طور تي تيز آواز ۽ مسلسل ٻڌڻ جي عادت، ڪجهه ماڻهن ۾ مٿي جو سور، ٿڪاوٽ يا بي آرامي جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

**ڪن وڄڻ:**
مسلسل تيز آواز ٻڌڻ سان ڪنن ۾ وڄڻ، شوڪارا يا گهنڊڻي جهڙو آواز محسوس ٿيڻ جو مسئلو پيدا ٿي سگهي ٿو، جيڪو ذهني طور به پريشان ڪندڙ ثابت ٿي سگهي ٿو.
ان ڏس ۾ بچاءَ وارا اپاءَ لازمي آهن:
* هيندبُ فري جو آواز مناسب ۽ گهٽ سطح تي رکو، خاص طور تي ڊگهي وقت لاءِ استعمال ڪرڻ وقت.
* ڊگهي وقت تائين مسلسل هيندبُ فري استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪريو ۽ وچ وچ ۾ ڪنن کي آرام ڏيو.
* هيندبُ فري ڪنهن ٻئي سان شيئر نه ڪريو ۽ ان کي باقاعدگي سان صاف رکو.
* جيڪڏهن ڪنن ۾ مسلسل وڄڻ، ٻڌڻ ۾ گهٽتائي، سور يا چڪر اچڻ جهڙيون علامتون محسوس ٿين ته ڊاڪٽر سان صلاح ڪريو.

**ڪمپيوٽر تي ويهڻ جي غلط انداز جا نقصان**
آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو، فري لانسرز، صحافي ۽ ڪمپيوٽر تي ڊگهو وقت ڪم ڪندڙ ٻيا ڪيترائي ماڻهو اڪثر ڪمپيوٽر اڳيان ويهڻ جو صحيح انداز اختيار نٿا ڪن. اڳيان جهڪي ويهڻ، ڳچيءَ کي ٽيڏو رکڻ يا نرم صوفي تي ليٽي ليپ ٽاپ استعمال ڪرڻ سان جسم تي غيرضروري دٻاءُ پئجي سگهي ٿو.

**ڳچيءَ ۽ ڪنڌ جو سور:**
جڏهن ڪو ماڻهو مسلسل اسڪرين ڏانهن ڪنڌ جهڪائي ڪم ڪري ٿو ته ڳچيءَ ۽ ڪلهن تي اضافي دٻاءُ پوي ٿو، جنهن سان ڪنڌ، ڪلهن ۽ پٺيءَ ۾ سور ۽ سختي پيدا ٿي سگهي ٿي.
**چيلهه جو سور ۽ ڪرنگهي جي هڏيءَ جا مسئلا:**
غلط انداز ۾ ويهڻ سان ڪرنگهي جي قدرتي بناوت ۽ عضون تي دٻاءُ وڌي سگهي ٿو. ڊگهي عرصي تائين غلط پوزيشن برقرار رکڻ سان چيلهه ۽ پٺيءَ جي تڪليف وڌي سگهي ٿي.

**رت جي دوري ۾ خرابي:**
ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين هڪ ئي پوزيشن ۾ ويهڻ، خاص طور تي ڄنگهون مسلسل مڙيل رکڻ سان، پيرن ۽ ڄنگهن ۾ رت جي گردش متاثر ٿي سگهي ٿي، جنهن سان سوڄ يا بي آرامي محسوس ٿي سگهي ٿي.

**اکين تي دٻاءُ:**
اسڪرين کي گهڻي دير تائين مسلسل ڏسڻ سان اکين ۾ خشڪي، ٿڪاوٽ، خارش ۽ نظر ڌنڌلي ٿيڻ جهڙيون شڪايتون پيدا ٿي سگهن ٿيون.



**ڪمپيوٽر استعمال ڪندي احتياطي اپاءَ:**
**ڪرسي ۽ ميز جي مناسب ترتيب:**
اهڙي ڪرسي استعمال ڪئي وڃي جيڪا چيلهه ۽ پٺي کي مناسب سهارو ڏئي. پير زمين تي سڌا رکڻ گهرجن ۽ گوڏن جو زاويو لڳ ڀڳ 90 درجا هئڻ گهرجي.
**اسڪرين جي مناسب سطح:**
ڪمپيوٽر جي اسڪرين اهڙي سطح تي رکڻ گهرجي جو ان جو مٿيون حصو اکين جي سطح جي ويجهو هجي، جيئن مسلسل ڳچيءَ کي هيٺ جهڪائڻ جي ضرورت نه پوي.
**20_20_20 اصول:**
اکين تي دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ هر 20 منٽن کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪنڊن لاءِ لڳ ڀڳ 20 فٽ پري ڪنهن شيءِ ڏانهن ڏسڻ جي عادت اختيار ڪرڻ فائديمند آهي.

هر ڪلاڪ وقفو:
هر هڪ ڪلاڪ جي ڪم کان پوءِ ڪجهه منٽن لاءِ اٿڻ، ٿورو هلڻ ۽ جسم کي حرڪت ڏيڻ گهرجي. مسلسل هڪ ئي پوزيشن ۾ ويهڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

ماڻڪ جو تجربو هڪ اهم سبق ڏئي ٿو ته جديد ٽيڪنالاجي کان پاسو ڪرڻ بدران ان جو صحتمند ۽ متوازن استعمال سکڻ ضروري آهي. صحت کي نظرانداز ڪري ڪم جاري رکڻ دانشمندي ناهي. پنهنجي جسم جي ننڍڙي علامت کي به سمجهڻ، وقت سر آرام ڪرڻ ۽ ضرورت پوڻ تي ماهر ڊاڪٽر سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي. خيال ۽ اعتدال سان ڪم ڪريو ۽ صحت کي هميشه اوليت ڏيو! ■

## سنڌوءَ ڪان بگ ايپل تائين

# هڪ پڪاسو پئرس پهتو هو، ٻيو نيويارڪ پهتو

تاشفين رضوان





نيو يارڪ جي هڪ شام جو وقت هو. چيلسي جي 27هين اسٽريٽ تي گيلرين جي روشنين، ماڻهن جي اچ وڃ ۽ فن جي هڪ نرالي دنيا آباد هئي. مان پنهنجو پورٽ فوليو کڻي بائوري گيلري (Bowery Gallery)۾ داخل ٿيس. اتي منهنجي ملاقات گيلري جي ڊائريڪٽر نينسي پروسيئونسڪي (Nancy Prusinowski)سان ٿي. هن منهنجون پينٽنگز ڏٺيون. ڪڏهن ڪنهن پينٽنگ تي بيهي ٿي رهي، ته ڪڏهن ويجهو ٿي رنگن ۽ بناوتن جو جائزو ٿي ورتائين. ڪجهه دير کان پوءِ هن مون ڏانهن ڏسي مسڪرايو ۽ چيو: ”توهان جو ڪم تمام سٺو آهي. مون کي سچ پچ پسند آيو. پر هن وقت اسان وٽ نمائش لاءِ ڪا به تاريخ خالي ناهي.“

مون وراڻيو: ”ڪا ڳالهه ناهي. نمائش جي تاريخ وري ڪڏهن سهي. اڄ اوهان منهنجو ڪم ڏسي ورتو، اهوئي منهنجي لاءِ گهڻو آهي.“

پوءِ مون پورٽ فوليو بند ڪيو ۽ سندس طرف ڏسي چيو: ”بس، هڪ ڳالهه ياد رکجو. اڄ اوهان مون کي ۽ منهنجي آرٽ کي ان وقت ڏٺو آهي، جڏهن مان اڃا پنهنجو نالو ٺاهي رهيو آهيان. شايد اوهان خوش قسمت آهيو، جو اوهان کي پڪاسو، پڪاسو بڻجڻ کان اڳ ملي رهيو آهي.“

هوءَ وري مسڪرائي ۽ چيائين: ”اوهان کي پنهنجي ڪم تي يقين آهي. مون کي اوهان جو اهو اعتماد تمام گهڻو پسند آيو.“

پوءِ ڳالهه اڳتي وڌي ته مون کيس پنهنجي آرٽ جي سفر بابت ٻڌايو: ”منهنجو آرٽ جو سفر اڄ کان شروع نه ٿيو آهي، پر 1998ع ۾ ڪاٺ جي مجسمي سازي، يعني Wood Carving سان شروع ٿيو آهي. پوءِ 1999ع کان 2015ع تائين مذر گيلري، لاڙڪاڻي ۾ آرٽ ڪيوريٽر طور ڪم ڪيو. انهن سالن دوران ڪيترن ئي آرٽسٽن جو ڪم ڏٺو، نمائشون ترتيب ڏنيون، فنڪارن سان گڏ ڪم ڪيو ۽ آرٽ کي مختلف زاوين کان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. ان بعد ڪراچيءَ آيس. زندگي ڪجهه وقت لاءِ مون کي فن کان پري ڪري ڇڏيو. فنانس ۽ بينڪنگ جي شعبي سان به وابسته رهيس، پر سچ اهو آهي ته فن منهنجي اندر ڪڏهن به ختم نه ٿيو. اهو ڪٿي نه ڪٿي زنده رهيو، هلندو رهيو ۽ پنهنجو سفر ڪندو رهيو.“

مون پنهنجي پينٽنگز ڏانهن اشارو ڪندي وڌيڪ چيو: ”اڳتي هلي 2021ع ڌاري هڪ ڀيرو ٻيهر مصوريءَ ڏانهن موٽيس. ان وقت مون کي احساس ٿيو ته شايد مان اصل ۾ هن ئي ڪم لاءِ قدرت طرفان ٺاهيو ويو آهيان. پوءِ اندر ۾ سالن کان جيڪو ڪجهه جمع ٿيندو رهيو هو، سو ڪينواس تي لاهڻ لڳس.





”منهنجو انداز آهستي آهستي نيو ايڪسپريشنزم (Neo-Expressionism)، ڪيوبزم (Cubism)۽ فِگيوريٽو ايبسٽريڪشن (Figurative Abstraction)جي عنصرن سان ظاهر ٿيندو ويو. انساني چهرو، يعني پورٽريٽ، منهنجي ڪم جو مرڪز بڻجي ويو. پر منهنجي لاءِ اهو رڳو هڪ چهرو نه هو؛ ان جي اندر سڄاڻپ، تنهائي، اضطراب ۽ باطن جون ڪيترين ئي لِڪل ڪهاڻيون موجود هيون، جيڪي رنگن ۽ لڪيرن وسيلي ظاهر ٿيڻ لڳيون.“

هوءَ خاموشيءَ سان منهنجون ڳالهيون ٻڌندي رهي. مون وڌيڪ چيو: ”۽ هاڻي 2026ع ۾ نيو يارڪ آيو آهيان. هتان جون آرٽ گيلريون، ميوزيم ۽ آرٽ فيئرز منهنجي لاءِ ڪنهن درسگاهه کان گهٽ ناهن. مان رڳو پنهنجي نمائش جي خواهش کڻي هتي نه آيو آهيان، پر اهو ڏسڻ به آيو آهيان ته منهنجو فن هن عالمي آرٽ جي منظرنامي ۾ ڪٿي بيهي ٿو.“

ٿورو ترسي وري چيم: ”تنهن ڪري اڄ جي هيءَ ملاقات به منهنجي سفر جو هڪ خاص حصو بڻبي، ۽ اها ياد سموري عمر مون سان گڏ رهندي.“

ان ساڳئي پل منهنجي ذهن ۾ پڪاسو جي زندگيءَ جي ڪهاڻي ڦري آئي. پڪاسو جڏهن اٽڪل 19 سالن جي عمر ۾ پيرس پهتو هو، تڏهن هو مجيل پڪاسو نه هو. هو هڪ نوجوان اسپيني آرٽسٽ هو، جيڪو فن جي دنيا ۾ پنهنجي جاءِ ڳولي رهيو هو. پيرس ان وقت يورپ جو وڏو آرٽ مرڪز هئي، پر رڳو پيرس پهچي وڃڻ ڪنهن آرٽسٽ لاءِ ڪاميابيءَ جي ضمانت نه هوندو آهي. پڪاسو غربت ڏٺي، تنهائي ڏٺي ۽ پنهنجي ويجهي دوست ڪارلوس ڪاساخيماس جي موت جو صدمو به برداشت ڪيو. پوءِ سندس رنگ بدلجي ويا.

بليو پيريڊ (Blue Period)آيو. ان کان پوءِ سندس زندگيءَ هڪ ٻيو رخ اختيار ڪيو ۽ روز پيريڊ (Rose Period)آيو. ان دور کان پوءِ سندس آرٽ روايتي انداز کي چئلينج ڪرڻ شروع ڪيو. چهرو، جسم ۽ منظر—سڀ ڪجهه سندس لاءِ نئين روپ ۾ ظاهر ٿيڻ لڳا.

ائين ئي Les Demoiselles d’Avignon جهڙن ڪمن سندس سڃاڻپ کي نئين معنيٰ ڏني، ۽ اڳتي هلي جارج براڪ (Georges Braque)سان گڏ هن ڪيوبزم جي بنيادن کي مضبوط ڪيو. پر دنيا جيڪو اڄ پڪاسو ڏسي ٿي، ان عظيم نالي جي پويان هڪ اهڙو نوجوان به موجود هو، جيڪو ڪڏهن پيرس جي گهٽين ۾ پنهنجي فن لاءِ جاءِ ڳولي رهيو هو. بلڪل مون وانگر!

بس، هن ۾ ۽ مون ۾ فرق رڳو ايترو آهي ته ان وقت پيرس هو، اڄ نيو يارڪ آهي. هو به پنهنجي ”ڪجهه بڻجڻ“ واري سفر تي هو، ۽ مان به ساڳئي راهه تي گامزن آهيان. شهر بدلجي ويا، صديون بدلجي ويون، پر آرٽسٽ جو مسئلو اڄ به ساڳيو آهي: پنهنجي جاءِ ٺاهڻ، پنهنجو آواز ڳولڻ ۽ پنهنجي ڪم تي يقين رکڻ. شايد ڪاميابيءَ ڏانهن وڃڻ جو سفر به هتان ئي شروع ٿئي ٿو.

پوءِ مون مسڪرائيندي نينسي پروسيئونسڪي چيو: ”بس، منهنجي اها تمنا آهي ته اوهان منهنجو نالو ۽ منهنجي آرٽ کي ياد رکجو. ٿي سگهي ٿو ڪجهه وقت کان پوءِ اوهان منهنجي نمائش ڪنهن وڏي ميوزيم، جهڙوڪ ميوزيم آف ماڊرن آرٽ، نيو يارڪ (MoMA)جي نمائش ۾ ڏسو، ته اوهان کي اڄ جي ملاقات ضرور ياد ايندي.“

هن مسڪرائيندي چيو: ”مان اوهان کي ياد رکنديس.“

مون وراڻيو: ”اڄ جي ملاقات منهنجي لاءِ هميشه يادگار رهندي.“ ائين چئي مان گيلريءَ مان ٻاهر نڪري آيس. چيلسي جي روڊ تي هلندي منهنجي ذهن ۾ بار بار پڪاسو جو خيال اچي رهيو هو. پڪاسو جي ڪهاڻي ۽ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ مون کي هڪ عجيب هڪجهڙائي محسوس ٿي رهي هئي.

هونئن به هر آرٽسٽ جي سڃاڻپ ان ڏينهن کان شروع ٿيندي آهي، جڏهن هو پنهنجي اندر موجود فن کي سڃاڻي وٺندو آهي. پوءِ سامهون هڪ اسپيني بزرگ عورت نظر آئي ۽ مان اڳتي وڌيس. اها ايما هئي، جيڪا Montserrat Gallery جي ڊائريڪٽر هئي.

آرٽ تي ڳالهه ٻولهه ٿي ته خبر پئي ته منهنجي دوست ۽ آرٽ ڪيوريٽر پال ڪيبز منهنجي آرٽ جو هن سان اڳ ئي تعارف ڪرايو هو. هوءَ ملي تمام گهڻي خوشي ٿي. هن مون کي ايندڙ مهيني هڪ گروپ شو ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، پر اها هڪ پيڊ، يعني معاوضي واري نمائش هئي، تنهنڪري مون کيس چيو ته مان سوچيندس ۽ پوءِ کيس ٻڌائيندس.

اهو ڏينهن تمام خوشگوار گذري رهيو هو، پر ساڳئي وقت مون کي ڪنهن ٻئي نمائش ۾ شرڪت لاءِ وڃڻو هو.

ڪيٿرين مارڪل هڪ سينئر آرٽ ڊيلر آهي، جنهن سان ڪيترن ئي سالن کان منهنجو آن لائن رابطو رهيو هو. هن مون کي هڪ نمائش ڏسڻ لاءِ اي ميل ڪئي هئي، ۽ اتي وڃڻ منهنجي لاءِ تمام ضروري هو. پوءِ هڪ ٽيڪسي ۾ ان نمائش ڏانهن روانو ٿيس.

گيلريءَ ۾ اندر داخل ٿيندي ئي ڪيٿرين مارڪل اڳتي وڌي ۽ تمام گهڻي گرم جوشيءَ سان منهنجو استقبال ڪيو. هوءَ منهنجو هٿ پڪڙي مون کي اندر وٺي وئي. اتي موجود آرٽسٽن سان منهنجي ملاقات ڪرائي ۽ تعارف ڪرائيندي چيائين: ”هي تمام سٺو آرٽسٽ آهي، جيڪو پاڪستان کان آيو آهي ۽ منهنجي دعوت تي هتي پهتو آهي.“

پوءِ مون ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين: ”تاشفين، مان توهان جي شو جو اهتمام ڪنديس، شايد ڊسمبر جون تاريخون فائنل ڪنديس. Don’t you worry. I love your work. Well done!“

ٿوري دير لاءِ ئي سهي، پر مان اتي مرڪزِ نگاهه بڻجي ويس. اتي موجود آرٽسٽن ڊيبورا ڊينسي (Deborah Dancy)، چارلس رچي (Charles Ritchie)، ميري ڊيڊوارڊو (Mary Didoardo)۽ ڊي. جيڪ سولومون (D. Jack Solomon)سان ملاقات ٿي. اسان آرٽ، ان جي جدت ۽ نون فني تجربن تي گهڻيون ڳالهيون ڪيون. جڏهن اتان موڪلائڻ جو وقت آيو ته دل بلڪل به نه پئي چاهيو پر رات ڪافي ٿي چڪي هئي.

تنهنڪري سڀني جو شڪريو ادا ڪيم، خاص طور تي ڪيٿرين مارڪل جو، ۽ واپسيءَ جي راهه ورتم. ■




## عشق ۽ سياست



اطهر منگي

عشق ۾
سياست ڪانه ٿيندي آ
پيار ٿيندو آ

سياست ۾
عشق ڪونه ٿيندو آ
مفاد ٿيندو آ

ڪوئي مڃي
نه مڃي
”هٿ ڪنگڻ کي
کهڙي آرسي ڏيکارجي.“

## غزل

پارومل امراڻي



حسن جي باغ ۾ پانئيان گلن جي گفتگو آهين
اُتم آلاپ هر ڪنهن ۾، سُرن ۾ سرخرو آهين

اڙانگو هر سفر جانان لڳو آسان ٿي مون کي
سمورا ٿڪ ويا وسري جڏهن تون روبرو آهين

چمان ٿو ذوڙ ذرتيءَ جي، پوِيتر آ مٽي منهنجي
سنڌو! رڳ رڳ اندر منهنجي جيئڻ جي جستجو آهين

لُڏين ٿي پيار پينگهي ۾ اڙي نازڪ ادائن سان
تمنا منهنجي جيئڻ جي، اکين جي آرزو آهين

اکيون مرجان تنهنجون هن، ڪلڻ تنهنجو ڪٿوري آ
ملڻ سان رات ٿي جهومي، پري جڻ هوبهو آهين.

## وائي

حيدر مهراڻي



هاءِ اتر جا جهولڙا
مون کي ڇرڪائين ٿا
توِڏا جي تارتي
آلڙا سپ چولڙا
مون کي ڇرڪائين ٿا

ڪير ٿو مونتي وجهي
آئيني جا اولڙا
مون کي ڇرڪائين ٿا
اڄ به شاعر کي ڇين
راتين جا رولڙا
مون کي ڇرڪائين ٿا

## غزل



ساقي ابڙو

لڪير جو ڪو فقير ناهيان مان
۽ اشارن جو اسير ناهيان مان

جيڏو سمجهين ٿو پنهنجي پر ۾ تون
ايڏو هرگز حقير ناهيان مان

ڪنهن جو احسان فراموش ڪيان
ايترو بي ضمير ناهيان مان

مونکي تنهنجو رويّو ماريندو
پنڊ پاهڻ شرير ناهيان مان

آهي هٿ جوڙ ”ساقي“ سيني سان
ورنه ڪو پير مير ناهيان مان.

## غزل



نديم ڪوثر

زندگي زندگيءَ جو ڏَنڊُ پَر
جو لَڳو ـ هانءُ ۾ ـ ڪنڊُ پَر

اي پرِين چَڏ ڪَٽي ڪاوَڙون
خيرُ ڪَر ڪيرُ ۾ ڪَنُڊُ پَر

بُرش سان آڱريون گول ڪر
اپُ سَچو روشني چَنڊُ پَر

جي عَجائِبُ گهرن ۾ وَڃين
سنڌُ جي سونهَن پَر جَنڊُ پَر

## نثري نظم



رحيمداد جوڳي

سمنڊ مان هوائون اٿن ٿيون
۽ بنا گهرن جي رلنديون رهن ٿيون
هوائون شاعرن جي ڪويتائن وانگر هونديون آهن !
آوارا ـ پاڳل ۽ خوشبو خوشبو
بادلن جهڙيون
پاڻيءَ جون پينرون....

## غزل

دوست علي احمداڻي

هي مسافر عشق منهنجو منزلن جون راتڙيون
پير ڦٽجي پنڌ ۾ ويا دور ڪيڏيون واٽڙيون

اڄ دنياداري سنديون هي پاڻ پنتي تا رکون
اڄ ڪريون ٿا پاڻ ويهي راڄ جهڙيون ڳالهڙيون

پارسا هي نيڻ تنهنجن پئي گناهن کي چکيو
چو ڇڏي در يار جو، ٻي پار اچلئي جهاتڙيون

ميگها! اڄ تون بادلن جا هار هٿڙن ۾ کڻي
ڇج پري ورکا ڪري وڃ ، ترمتي برساتڙيون

## غزل

سلام اُڄڻ

اٿ هاڻي هلڻ گهرجي، ٿي شام وئي آهي
۽ پاڻ پلڻ گهرجي، ٿي شام وئي آهي

هر روز اڃان تو پيو هڪ آس کٽي توڏي
سا آس پڄڻ گهرجي، ٿي شام وئي آهي

ڏي مٺ سڏي ساقي سپ سور وڃن وسري
اڄ خوب پيئڻ گهرجي، ٿي شام وئي آهي

ڳالهيون نه رهن ڳالهيون باقي نه بچن ڪيئي
رنگ اهڙو رچڻ گهرجي، ٿي شام وئي آهي

هن بحر برهه جي ۾ هر ناو کي ٻئي ڪنڌي
ٻئي پار پڄڻ گهرجي، ٿي شام وئي آهي.

## مختصر ڪهاڻي

# صادق آباد جي ڇوڪري سنڌ ۾ اچي پڙهڻ ۽ نوڪري ڪرڻ چاهي ٿي

مرلي ڌر



هوءَ صادق آباد جي هڪ ڳوٺ/چڪ ۾ رهندي آهي. مئٽرڪ پاس ڪئي اٿائين. وڌيڪ پڙهڻ چاهي ٿي. اتي ڳوٺ ۾ پڙهائيءَ جو بندوبست ڪونهيس.
چيائين، ”ڳوٺ مان شهر پڙهڻ لاءِ نه ٿي وڃي سگهان. وسيلا نه آهن.“
پڇيائين، ”ڇا ڪراچيءَ ۾ نوڪري ۽ پڙهائي؛ ٻئي ڪري سگهي ٿي؟
چيومانس، ”سنڌ جو ڊوميسائل کپندو.“
چيائين، ”ڪيئن ٺهندو؟“
وري پاڻ ئي چيائين، ”ٻڌو آهي ٺهي ويندو آهي.“
ٻئي ڏينهن وري پياءُ کي وٺي آئي. چيائين ته، ”هن کي نوڪري وٺي ڏيو.“
ڪٿان پڇي آئي هئي ته هو پرائيويٽ پڙهي سگهي ٿي، پر ڪيس نوڪري به کپي. ڏوڪڙ به کپن. هوءَ پڙهڻ چاهي ٿي. نوڪري ڪرڻ چاهي ٿي. ايترو پري پنجاب مان سنڌ اچڻ چاهي ٿي. ■

# جمال ۽ فريال جي محبت جي شروعات منهنجي اکين آڏو ٿي

فيڪا



جمال شاهه ۽ فريال گوهر، اهي ٻئي ماڻهو پنهنجي ڦوهه جوانيءَ واري زماني ۾ منهنجن دوستن ۾ شامل هئا.

فريال جي خاندان سان منهنجا ذاتي ۽ گهرو لاڳاپا هئا، ڇاڪاڻ ته فريال جي وڏي ڀيڻ مديحه گوهر جي منهنجي دوست خالد منظور بسرا سان شادي ٿيل هئي. سرور شهيد روڊ، لاهور ڪينٽ ۾ منهنجو اچڻ وڃڻ لاڳيتو رهندو هو. منهنجو دوست خالد، استاد شريف خان ستار نواز جو شاگرد هو ۽ گورنمينٽ ڪاليج جي نيو هاسٽل ۾ رهندو هو. منهنجي تقريباً روزانو پنهنجي دوست خالد سان ملاقات ٿيندي هئي.

جمال ۽ فريال جي محبت جي شروعات منهنجي اکين آڏو ٿي. جمال سان به منهنجي تمام گهاٽي سٺي دوستي هئي. شروعاتي ڏينهن ۾، جڏهن جمال ڪوئيٽا مان آيو هو، تڏهن هاسٽل ۾ منهنجي ساڻس منهن ماري به ٿي هئي، پر نيشنل ڪاليج آف آرٽس (NCA) جي هاسٽل ۾ اهڙي قسم جون روايتي سينيئر ۽ جونيئر شاگردن وچ ۾ ننڍيون وڏيون جهڙپون ٿينديون رهنديون هيون.

پر ٿوري ئي عرصي کان پوءِ جمال به منهنجن يارن دوستن ۾ شامل ٿي ويو. هو موسيقيءَ جو وڏو شوقين هو ۽ افغان ڳائڻي ناشناس جا گيت هارمونيم تي تمام گهڻا ڳائيندو هو. جمال ۽ اسان جا ڪجهه ٻيا دوست اين سي اَي هاسٽل جا انتهائي هر دلعزيز دوست هوندا هئا.

جمال هڪ اسٽائلش انسان هو. صاف سٿرو رهڻ، خوش لباس هجڻ ۽ پنهنجي هلڪي ڦلڪي جاگيرداراڻي لئه سبب هو هاسٽل ۽ ڪاليج ۾ ڪافي مشهور هو.

منهنجو فريال جي خاندان سان تعلق جمال سان منهنجي واقفيت کان اڳ ئي هو. پوءِ جڏهن جمال ۽ فريال جي محبت شروع ٿي ته اهي ٻئي هڪ اهڙو مثالي جوڙو بڻجي ويا، جيڪو نيشنل ڪاليج آف آرٽس، لاهور جي تاريخ جو هڪ يادگار جوڙو بڻجي ويو. فريال ايتري حسين عورت هئي، جو هر ماڻهو ڪيس ڏسي مٿس موهت ٿي ويندو هو، پر سندس حسن سان گڏ سندس سينس آف هيومر، يعني خوش مزاجي ۽ مزاح جو انداز، به هر طرف پنهنجي ڇاپ ڇڏيندو ويندو هو.

منهنجو فريال جي خاندان سان تعلق جمال سان منهنجي واقفيت کان اڳ ئي هو. پوءِ جڏهن جمال ۽ فريال جي محبت شروع ٿي ته اهي ٻئي هڪ اهڙو مثالي جوڙو بڻجي ويا، جيڪو نيشنل ڪاليج آف آرٽس، لاهور جي تاريخ جو هڪ يادگار جوڙو بڻجي ويو.

انهن ٻنهي جي شادي اسان جي اڳيان ٿي. اندروني زندگيءَ جا ڪيترا ئي تفصيل بيان ڪرڻ ضروري به نه آهن.

سرور شهيد روڊ وارو سندن گهر، جتي مديحه ۽ فريال جي ماءُ، مسز گوهر، رهندي هئي، اسان لاءِ به هڪ ڇاتل سڃاتل جاءِ هئي. مسز گوهر هڪ تمام شاندار خاتون هئي ۽ اسان کي به انهن سان تمام گهاٽي محبت هئي.

انهن ٻنهي عورتن جو هڪ پاءُ به هوندو هو، جنهن جي ايراني زال هڪ تمام خوبصورت ۽ نهايت سٺي رک رکاءَ واري خاتون هئي.

ڪهاڻي ايتري تائين ئي آهي، جيتري مون پنهنجي اکين سان ڏٺي.

فريال ايتري حسين عورت هئي، جو هر ماڻهو ڪيس ڏسي مٿس موهت ٿي ويندو هو، پر سندس حسن سان گڏ سندس سينس آف هيومر، يعني خوش مزاجي ۽ مزاح جو انداز، به هر طرف پنهنجي ڇاپ ڇڏيندو ويندو هو.

خير، جڏهن مون اين سي اي مان تعليم مڪمل ڪئي ته آءٌ ڪراچيءَ هليو ويس. ان کان پوءِ جمال به تعليم مڪمل ڪري ڪوئيٽا منتقل ٿي ويو. آءٌ به ٿي ڀيرا ڪوئيٽا به ويس ويس.

جمال ڪوئيٽا يونيورسٽيءَ ۾ فائن آرٽس ڊپارٽمينٽ جو بنياد وڌو. اين سي اي جا ڪيترائي دوست، جن ۾ اڪرم دوست ۽ ڪليم خان به







شامل هئا، انهن کان سواءِ ڪيترائي مقامي ماڻهو پڻ جمال سان گڏ هئا. اهو هڪ تمام ڪامياب منصوبو هو.

تنهن وقت تائين آءٌ ساڻن گڏ رهيس. اسان جي تمام گهاٽي سٺي دوستي رهي، پر پوءِ اسان سڀ پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ لڳي وياسين.

ان کان پوءِ جون ڪهاڻيون ڇا ٿيون، اهي به ڏکيون ڪهاڻيون آهن. آءٌ جيستائين انهن ماڻهن سان گڏ هئس ته مون انهن سان گڏ هڪ تمام خوبصورت ۽ خوشگوار زمانو گذاريو ۽ شيئر ڪيو.

ان کان پوءِ ڇا ٿيو، اهو اهي ئي ماڻهو بهتر ڄاڻن ٿا، ۽ ان جا سمورا تفصيل به انهن ئي وٽ آهن.

جيترو وقت آءٌ انهن سان گڏ گذاري سگهيس، ان بابت جيڪو ڪجهه مون ڏٺو ۽ محسوس ڪيو، اهو سڀ مون اوهان آڏو بيان ڪري ڇڏيو آهي. ■